REG NO. 3833

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اڱارو 30 جنوري 2024ع بمطابق 18 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:245

فتويٰ ڏيڻ وارن کان وڌيڪ بدترءِ ناڪاري سوچ ڪنهن جي به نٿي ٿي سگهي: چيف جسٽس

اهي شڪايتون ٻڌڻ لاءِ مقرر چو نه ٿيون آهن، دنيا ۾ زنده قومون ماضي جي غلطين مان سکنديون آهن، زنده قومون ماضي مان سکنديون آهن ۽ اسان چوندا آهن بس اڳتي وڌو

اسد طور کان پڇا ڪريو ته ڇا اهي ماڻهو پڪڙيا ويا جن تشدد ڪيو هو؟ اسد طور جا اوهان انهن ماڻهن جا چهرا سڃاڻي سگهو ٿا؟ (چيف جسٽس) جن تشدد ڪيو اهي پڪڙيا ئي نه ويا هئا، اڄ به ڏسي سڃاڻي سگهي ٿو: اسد طور

اوهان سمجهو ٿا ته تنقيد روڪي منهنجو يا سپريم ڪورٽ جو فائدو ڪري رهيا آهيو ته اوهان نقصان ڪري رهيا آهيو، صحافي جيڪڏهن عدالتي فيصلن تي تنقيد ڪن ٿا ته ڀلي ڪن: چيف جسٽس

ڪنهن کي تشدد تي پڙڪائڻ يا نفرت پکيڙڻ وارو معاملو ڌار آهي، ڪنهن به صحافي يا عوام ماڻهو کي به تنقيد ڪرڻ کان روڪي نه ٿا سگهون، سپريم ڪورٽ تي تنقيد تي ڪو به ڪيس داخل نه ٿيندو

فتويٰ ڏيڻ وارا هاٿي ازدها بڻجي چڪا آهن، هڪ ٻارڙي ملالا تعليم جي ڳالهه ڪري رهي هئي مٿس حملو ڪيو ويو، اسان لاءِ ڪيڏي شرم جوڳي ڳالهه آهي ته هوءَ هاڻ پنهنجي ملڪ به نٿي اچي سگهي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ايف آءِ اي پاران جن تي تنقيد ڪرڻ سبب صحافين ڪي موڪليل نوٽيس فوري طور واپس وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سپريم ڪورٽ ۾ صحافين کي هيسائڻ بابت پراڻمرادو نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهيءَ ۾ ٽي رڪني بئنچ ڪئي، ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پڇاڻو ڪيو ته ڪيترا ڪيسز آهن؟ جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

پي ٽي آءِ ۾ شامل نه ٿيڻ جا سبب ٻڌايان ته دوست عمران جون ڏکيائيون وڌي وينديون: چوڌري نثار

راولپنڊي (م د) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير چوڌري نثار علي خان چيو آهي ته تحريڪ انصاف ۾ شامل نه ٿيڻ جا سبب ٻڌايان ته عمران خان جون ڏکيائيون وڌي وينديون. اڊيالا روڊ تي چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري نثار چيو ته پي ٽي آءِ باني منهنجو پراڻو دوست آهي پر تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ايراني پرڏيهي وزير پاڪستان پهتو، ٻنهي ملڪن ۾ دهشتگردن جي "ٽيون ملڪ" مدد ڪري رهيو آهي: گڏيل پريس ڪانفرنس

اعليٰ سطح جي ڪميشن قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جا پرڏيهي وزير شامل هوندا، دهشتگردي بابت هڪٻئي جي خدشن کي ختم ڪيو ويندو

ايران پاڪستان جو دوست ۽ پاڙيسري ملڪ آهي، ايران گهرا ثقافتي، مذهبي ۽ پائيدار لاڳاپا آهن، ايراني وفد سان تفصيلي ڳالهه ٻول ٿي آهي جنهن دوران گڏيل مفادن جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

دهشتگردي جو مسئلو ٻنهي ملڪن جو گڏيل چئلينج آهي، انکري دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي، سرحدي علائقن ۾ معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻي پوندي

مضبوط لاڳاپا ٻنهي ملڪ جي ترقي لاءِ تمام گهڻو اهم آهن، اعلي سطحي حڪمت عملي پاڪستان ۽ ايران جي مفاد ۾ آهي، اسان ايران جي صدر کي چونڊن بعد پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني آهي

دهشتگردن کي ڪارروائين جو ڪو به موقعو فراهم نه ڪيو ويندو، سرحد تي سرگرم دهشتگرد ٻنهي ملڪن لاءِ گڏيل خطرو آهن، دهشتگردن ايران کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي: ايراني پرڏيهي وزير

دهشتگردن کي پنهنجي گڏيل سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ماضي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪڏهن علائقائي تڪرار نه رهيو، هو پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختياري جو احترام ڪن ٿا

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۽ ايراني پرڏيهي وزيرن وچ ۾ ڳالهين دوران ٻنهي ملڪن جي سلامتي ۽ خودمختياري جو احترام يقيني بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. اسلام آباد ۾ نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني ۽ ايراني پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اعليٰ سطح جي ڪميشن قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جا پرڏيهي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني ايراني هم منصب سان پريس ڪانفرنس ڪندي

نواز شريف ئي ملڪي مسئلا حل ڪري سگهي ٿو: شهباز شريف

جڏهن ٻوڏ آئي ته راجن پور جي عوام جي خدمت لاءِ آيو هيس، ٻوڏ سان ايتري تباهي ڪڏهن نه ڏٺي هئي

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال راجن پور جي هئي صوبي جي ڪنهن به اسپتال سان ڀيٽ ڪيو، فيصلو ٿي ويندو

پي ٽي آءِ وارا چار سال ڏاڍي قيٽي ۾ لڳل رهيا ۽ عوام جو ڪو ڪم نه ڪيو: راجن پور ۾ جلسي کي خطاب

راجن پور (م د) ن ليگ صدر شهباز شريف ٽالو ڪڍڻ بنا ب ب چيئرمين جي چئلينج جو جواب ڏئي ڇڏيو راجن پور ۾ جلسي کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته جڏهن ٻوڏ آئي ته راجن پور جي عوام جي خدمت لاءِ آيو هيس، ٻوڏ سان ايتري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

منهنجي ڪيسن تي مانيٽر بڻجي ويٺل جج استعيفيٰ ڏئي هليو ويو، چوته دال ۾ ڪجھ ڪارو هو: نواز شريف

اهو جج منهنجي ڪيسن تي مانيٽرنگ جج بڻجي ويٺو هو، هاڻ هو استعيفيٰ ڏئي چڪو آهي ۽ نواز شريف توهان جي سامهون بيٺو آهي

جيڪڏهن مان ڪجھ نه ڪيان ها ته توهان مون کي هيئن پيار نه ڏيو ها، توهان به ڄاڻو ٿا ته نواز شريف بي ڏوهه هو

منهنجي دل چاهي ٿي ته مان توهان لاءِ اهو سڀ ڪجھ ڪيان، جنهن جي توهان کي مون مان اميد آهي

لاهور (م د) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي ته مان بي ڏوهه هيس، مون کي سزائون ڏيندڙ جج هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: نواز ليگ قائد نواز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

نگران وزيراعظم وفاقي وزيرن ۽ سرڪاري ملازمن جا پرڏيهي دورا ملتوي ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ وفاقي وزيرن ۽ سرڪاري ملازمن جي پرڏيهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

فوجي عدالتن ۾ سويلين جو ٽرائل: سپريم ڪورٽ جو لارجر بينچ ٽٽي ويو

بينچ جي ڀيهر جوڙجڪ جي لاءِ معاملو ججز ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويو: جواد ايس خواجه جا وڪيل

دليل نه ڏيو، اسان تي اعتراض اٿاريا پيا وڃن ته مان ڪيس کان ڌار ٿي وڃان: جسٽس طارق مسعود

اسلام آباد (م د) فوجي عدالتن ۾ سويلين جي ٽرائل بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران سپريم ڪورٽ جو 6 رڪني لارجر بينچ ٽٽي ويو جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: پي ٽي آءِ ڪارڪن صنم جاويد جي ضمانت منظور، ٻئي ڪيس ۾ ڀيهر گرفتار

لاهور (م د) لاهور جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪن ۽ عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خواب ڏٺو آهي ته آزاد اميدوار چونڊون کٽي پيپلزپارٽي ۾ ايندا: منظور وساڻ

پ پ سنڌ مان ڪلين سوئيپ ڪندي، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پ پ ڪوڙ سيٽون کٽندي

آزاد اميدوار گڏجي پ پ کي اڪثريت ڏيندي ۽ بلاول ئي وزيراعظم ٿيندو

خيرپور (رپورٽر) پ پ اڳواڻ منظور وساڻ آزاد اميدوار ڪامياب ٿي پ پ ۾ شامل ٿيڻ جو خواب ڏسي ورتو صحافين سان ڳالهائيندي منظور وساڻ چيو ته مان خواب ڏٺو آهي ته آزاد اميدوار چونڊون کٽي پ پ ۾ ايندا. هن چيو ته پ پ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اشرافيا کي ملندڙ 1500 ارب جي سبسڊي ختم ڪندس: بلاول ڀٽو زرداري

ملڪ ۾ اشرافيا تي 1500 ارب رپيا سبسڊي خرچ ٿيندي آهي، وفاق وٽ 17 وزارتون اهڙيون آهن، جيڪي ختم ٿيڻ گهرجن

مهانگائي، بيروزگاري ۽ موسمياتي تبديلي اهم مسئلا آهن، جنهن جي حل لاءِ مان منشور تيار ڪرايو آهي

ملڪ موسمياتي تبديلين کي به منهن ڏئي رهيو آهي، ان جي تدارڪ لاءِ بجيٽ ۾ واڌ ڪندس: تقريب ۾ ڳالهيون

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شاگردن جي سوالن جا جواب ڏيندي

اسلام آباد (م د) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ملڪ ۾ اشرافيا تي 1500 ارب رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مسجدون اسڪول نه ويندڙ ٻارن کي تعليم جي فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون: عارف علوي

ڪراچي (رپورٽر) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته مسجدون ملڪ جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مانيٽري پاليسي جو اعلان، وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار

ناٽي متاستا جا ذخيرا 8.3 ارب ڊالر تي ويا آهن، ايڪسٽرنل اڪائونٽ جي صورتحال بهتر ٿي آهي: اسٽيٽ بئنڪ

مهانگائي تي توانائي اگهن جو اثر اهم آهي، هلندڙ مالي سال مهانگائي 23 کان 25 سيڪڙو رهندي

ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 2022 ۾ 17 ارب ڊالر هو، مهانگائيءَ جو دٻاءُ هاڻ به برقرار آهي: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو اعلان ڪيو آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪيو. هن چيو ته وياج جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جعلي نوٽن جون شڪايتون، اسٽيٽ بئنڪ پاران نوان نوٽ آڻڻ جو فيصلو

نوٽ نئين سيريل نمبر، ڊيزائن ۽ هاءِ سيڪيورٽي فيچر سان متعارف ڪرايا ويندا: اسٽيٽ بئنڪ

اميد ته نون نوٽن جي ڊيزائن جو فريم ورڪ مارچ تائين مڪمل ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ سموري ماليت جا نوان ڪرنسي نوٽ آڻڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد موجب نوان نوٽ عالمي سيڪيورٽي فيچر سان ڇاپيا ويندا، هن چيو ته نوٽ نئين سيريل نمبر، ڊيزائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: ايم ڪيو ايم ۽ پ پ ڪارڪنن ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو

ناظم آباد نمبر 2 ملٽي چوڪ جي ويجهو گذريل رات دير سان ڪارڪنن ۾ جهنڊو لڳائڻ تان جهيڙو ٿيو

جهيڙي سبب علائقو فائرنگ سان گونجي اٿيو، هٿياربندن گاڏين تي ڏنڊا وسايا، ڪيترين ئي گاڏين جا شيشا ٽٽي پيا

مقتول جي لاش پوليس ڪارروائي کان پوءِ نيو ڪراچي کي ڪي ايف مرده خاني آندي وئي، 4 ڄڻا گرفتار

راجن پور: نواز ليگ جو صدر شهباز شريف چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

ڪراچي (م د) ناظم آباد نمبر 2 ۾ ٻن سياسي پارٽين ۾ خوني جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اليڪشن ڪميشن جو ڪوهستان ۾ عورتن جي چونڊ مهم هلائڻ تي پابندي جو نوٽيس

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن ڪوهستان جي علائقي ۾ عورتن جي چونڊ مهم هلائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

8 فيبروري تي 9 مئي وارن کي ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪرڻو آهي: مريم نواز

نواز شريف پنهنجي خاطر نه رکو قوم خاطر چونڊ وڙهڻ چاهي ٿو

اسان 9 مئي وارا نه 28 مئي وارا آهيون، ٻنهي تاريخن ۾ وڏي تاريخ موجود آهي

لاهور (م د) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته نواز شريف پنهنجي خاطر نه رکو قوم خاطر چونڊ وڙهڻ چاهي ٿو. چو ته قوم هن وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

8 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿيڻ سان گڏئي ان جي التوا بابت سمورا افواهه دم ٽوڙي ويندا: نگران وزيراعظم

ماضي مان سبق سکندي پارليامينٽ کي قانوني، انتظامي ۽ اليڪشن ڪميشن بابت سمورين ڪوتاهين کي ختم ڪرڻو پوندو

ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا سين ته جيتري حد تائين ممڪن ٿيو خطي جي معيارن موجب چونڊون آزاداڻيون ۽ منصفاڻيون ٿينديون

سياسي پارٽيون جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ذريعي ڌانڌلي ۾ ملوث رهيون آهن ۽ فوت ٿيندڙن جا ووٽ به وڌا ويندا رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته حڪومت عام چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان ايراني پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي جي حوالي سان پاليسي ۾ ڪا تبديلي ناهي آئي: وائيٽ هائوس

واشنگٽن (م د) وائيٽ هائوس چيو آهي ته اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي جي حوالي سان ان جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم

شاهد خاقان عباسي گذريل ڪيترن ئي سالن کان هر پيشي تي عدالت ايندو رهيو آهي: وڪيل

ايف آءِ اي کي حڪم ڏنو وڃي ته سندس نالو اي سي ايل مان ڪڍيو وڃي: عدالت کي درخواست

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

صنم جاويد اين اي 119 تان چونڊ نه وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

چونڊ نه وڙهڻ جي فيصلي جي تصديق سنڌس ڀيڻ فلڪ جاويد ايڪس تي ڪئي

صنم جاويد تڪ اين اي 119 ۾ چونڊ تان هٽ ڪٽڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ڀيڻ

لاهور (م د) زمان پارڪ ۾ پوليس تي تشدد جي ڪيس ۾ آزادي ڪاٿوءِ هڪٻئي ڪيس ۾ گرفتار ٿيندڙ صنم جاويد اين اي 119 تان چونڊ نه وڙهڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

خبر ناهي ڪهڙي مخلوق اسان جا ووٽ غائب ڪندي آهي: اختر مينگل

چئن تڪن تان حصو وٺي رهيو آهيان، ڪوئٽه ۽ قلات مان چونڊون اسيمبلي ۾ وڃڻ لاءِ ناهيان وڙهي رهيو

چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ آهي ته بلوچستان ۾ رهندڙن جي وارث بي اين پي آهي

ڪوئٽه (م د) بلوچستان نيشنل پارٽي (بي اين پي) جي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي ته عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پنجاب پوليس پيپلزپارٽي کي نشانو بڻائي رهي آهي: شيري رحمان

پنجاب پوليس پيپلزپارٽي جي نمائندن ۽ حمايتن کي گرفتار ڪري رهي آهي

نون کان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيندڙ خديجه پروين کي به گذريل ڏينهن پنجاب پوليس گرفتار ڪيو

لاهور (م د) پيپلز پارٽي جي نائب صدر ۽ سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پنجاب پوليس پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ملڪ جون 50 سيڪڙو پولنگ اسٽيشنن حساس ۽ انتهائي حساس قرار

حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏنل پولنگ اسٽيشنن جو انگ 46 هزار 65 آهي: ذريعا

حساس پولنگ اسٽيشنن جو انگ 27 هزار 437، انتهائي حساس جو انگ 18 هزار 437 آهي

سنڌ جون 6545 پولنگ اسٽيشنون حساس، 6524 انتهائي حساس ۽ 5937 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ملڪ جي 50 سيڪڙو پولنگ اسٽيشنن کي حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏئي ڇڏيو آهي، ذريعن موجب حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏنل پولنگ اسٽيشنن جو انگ 46 هزار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ايراني پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو بئنر ۽ جهنڊا لڳائڻ تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

توهان ٻڌايو ڪهڙي قانون تحت توهان اشتهار لڳائڻ جي اجازت ڏني؟: ميئر کان پڇاڻو

جيڪڏهن ٽائونز توهان جي اختيارن جي دائري ۾ مداخلت ڪن ته توهان ڪارروائي ڇو نٿا ڪري سگهو؟

لوڪل گورنمينٽ بورڊ ۾ اهو معاملو اٿاريو آهي (مرتضيٰ وهاب) ايندڙ ٻڌڻي تي ڪارروائي جي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪاري ملڪيتن تي سياسي بئنرن، جهنڊن ۽ اشتهارن تي لاڳاپيل سياسي اڳواڻن خلاف ڪارروائي جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس نديم اختر جي ربورو سرڪاري ملڪيتن تي سياسي اشتهار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سوشل ميڊيا تي عدليه جي خلاف ڪڏي مهم هلائي وئي: مرتضيٰ سولنگي

سوشل ميڊيا تي صحافين ۽ يوٽيوبرز کي هراسان ڪرڻ جي پروپيگنڊه ڪئي پئي وڃي

ڪنهن کي نوٽيس جاري ڪرڻ هراسان ڪرڻ جي زمري ۾ نه ٿو اچي: خانگي ٽي وي سان ڳالهيون

اسلام آباد (م د) اطلاعات، نشريات ۽ پارليامانى معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي عدليه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران نوجوان علي احمد بروهي جو لاش هٽ ڪرڻ جو حڪم

لاڙڪاڻي ۾ نوجوان علي احمد بروهي کي مبينا ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري لاش ڪئنال ۾ اڇلائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي

ٻن جوابدارن عبدالعزيز ۽ خان محمد کي گرفتار ڪري اغوا ۾ استعمال ٿيل گاڏي هٿ ڪئي آهي: پوليس جي رپورٽ

رڳو پٽ جو لاش کپي، قاتلن کي ڦاهي تي چاڙهيو وڃي، ٻيو ڪو به مطالبو ناهي، مون سان انصاف ڪيو وڃي: امڙ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران نوجوان علي احمد بروهي جو لاش هٽ ڪرڻ جو حڪم. سنڌ هاءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

مصطفيٰ ڪمال سري عام ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي: سعيد غني

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ايم ڪيو ايم وارن پيپلزپارٽي جا جهنڊا ۽ بينر لاهي ساڙيا آهن

3 ڏينهن اڳ گلستان جوهر ۾ ايم ڪيو ايم وارن پيپلزپارٽي جي گڏجاڻي تي حملو ڪري ماڻهن کي ڌمڪايو

مصطفيٰ ڪمال سرعام ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ته ويڙهه ۾ اسان کان ڪير به ڏاڍو نه آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ سعيد غني مصطفيٰ ڪمال جا الزام رد ڪري ڇڏيا، سعيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان نيويارڪ ۾ بيسٽ ان شوانٽر نيشنل ٽورازم ڊولپمينٽ ايوارڊ کٽي ورتو

نيويارڪ (م د) پاڪستان نيويارڪ ۾ بيسٽ ان شوانٽر نيشنل ٽورازم ڊولپمينٽ ايوارڊ کٽي ورتو. نيويارڪ ۾ منعقد ٿيندڙ ٽريول اينڊ ايڊونچر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف اجلاس جي صدارت ڪندي

گڏيل قومن طرفان ڊونر ملڪن کي فلسطيني پناهگيرن لاءِ ڪم ڪندڙ امدادي اداري کي فنڊ جي فراهمي معطل ڪرڻ جو فيصلو واپس وٺڻ جي اپيل

گڏيل قومون (م د) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش امداد فراهم ڪندڙ ملڪن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

هيلمٽ نه پائيندڙن جي شامت، پنجاب ۾ نئين ٽيڪنالاجي اچي وئي

آرٽيفيشل انٽيليجنس ٽيڪنالاجي ذريعي ٽريفڪ قانونن تي عمل يقيني بڻائڻ لاءِ قدم جاري

پراجيڪٽ ۾ هڪ سافٽ ويئر جي مدد سان بنا هيلمٽ موٽر سائيڪل هلائيندڙن کي پڪڙيو ويندو

لاهور (م د) بنا هيلمٽ جي موٽر سائيڪل هلائيندڙن کي ٽريس ڪرڻ لاءِ سافٽ ويئر تيار ڪيو ويو آهي. سافٽ ويئر جي مدد سان بنا هيلمٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير گوهر اعجاز سان ڊي جي ايف آءِ اي ملاقات ڪندي

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي جي پيمرا جي چيئرمين سان سندس وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

اسلام آباد (م د) اطلاعات، نشريات ۽ پارليامانى معاملن وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪارڪن جو قتل ڊاڪٽر عاصم جي چوڻ تي ڪيو ويو: مصطفيٰ ڪمال

گاڏيون ساڙڻ تي فراز کي گولي هڻي وئي آهي، وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گولي هلائيندڙن سان گڏ موبائل اچي رهي آهي

پيپلزپارٽي اندر کان پاڪستان کي ختم ڪري رهي آهي. سهراب ڳوٺ ۾ اسان جي هٿين خالي ڪارڪنن کي شهيد ڪيو ويو

ڊاڪٽر عاصم راجي سيٽ اپ کي پاڻ سان گڏ جوڙي پ پ جي جهنڊي هيٺيان ان کي ٻيهر قائم ڪرڻ چاهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سينئر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال ڊاڪٽر عاصم کي ناظم آباد ۾ متحده ڪارڪن جي قتل جو ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو آهي ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهين ڪندي مصطفيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم سان ترڪي جو سفير ملاقات ڪندي

موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

مري ۾ سيزن جي پهرين برفباري شروع ٿي چڪي آهي، خشڪ سيءَ کان پوءِ برفباري شروع ٿي وئي

مري ۾ سياحن جي سهوليت لاءِ 13 سهوليت سينٽر قائم. سياح پنهنجين گاڏين کي فٽ رکن ۽ خشڪ ميوه گڏ کڻي اچن: ڊي سي

پنجاب ۽ مٿاهين سنڌ جي ڪجھ ميداني علائقن ۾ ڪوهيڙو رهڻ جو امڪان به ظاهر ڪيو ويو

اسلام آباد: (م د) ملڪ ۾ برسات ۽ برفباري جي سلسلي جي شروعات ٿي چڪي آهي. موسميات کاتي اڄ گلگت بلتستان، مٿاهين خيبرپختونخواهه ۽ آزاد ڪشمير ۾ برفباري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. مري ۾ سيزن جي پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن سنڌ صدر پاران شڪارپور جي عهديدارن کي مبارڪون

مقبول احمد مهر، آپڪا شڪارپور جي صدر عبدالوهاب ڪاغذي ۽ ٻين پاران صحافين کي مبارڪون

نون چونڊيل عهديدارن نائب صدر عارف قريشي، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ ۽ ٻين کي هار پارايا ويا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر مقبول احمد مهر، آپڪا ضلعي شڪارپور جي صدر عبدالوهاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڊي اي او پرائمري ٽنڊو نظام الدين ڪنڊائي پاران ٽنڊي جي مختلف اسڪولن جا دورا

اسڪول محمد ڪرناٽي ۾ ٻن عورت ٽيچرس جي غيرحاضري تي ڪين رليو ڪري ڇڏيو

ڊي اي او پرائمري اسڪول عارب سولنگي جو دورو پڻ ڪيو جتي شاگردن سان ملاقاتون ڪيون

ٽنڊو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊي اي او پرائمري ٽنڊو نظام الدين ڪنڊائي پاراڻي جي مختلف اسڪولن جا طوفاني دورا دوري دوران اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڦل پوليس پاران ڪارروائي دوران شراب جون 288 بوتلون هٿ ڪرڻ جي دعوي

سنيپ چيڪنگ دوران ڪرولا گاڏي مان شراب هٿ ڪيو ويو آهي: ايس ايڇ او ڏني بخش بروهي

اسان گاڏي واري کي سڃاتو آهي جيڪو نالي ڪاشف لنڊ مورو جو رهاڪو آهي، ڪيس داخل ڪيو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڦل پوليس پاران شراب جون 288 بوتلون هٿ ڪرڻ جي دعوي ايس ايڇ او ڏني بخش بروهي اي ايس آءِ امداد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

حڪمران طبقو سنڌو درياهه جي پاڻي حصي پتي ۽ تي زبردستي ڌاڙو هڻندو رهيو آهي: لال جروار

ڏيڍ سئو سالن کان پنجاب جو حڪمران طبقو درياهه جي پاڻي حصي پتي ۽ تي زبردستي قبضو ڪيو آهي

سنڌ جي پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙن جي نتيجي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ آباد ۽ سرسبز زمينون ويران بڻجي ويون آهن

آئيني ۽ قانوني اختيار لتاڙيندي ايڪٽ ۾ ترميم ڪري رهي آهي، جيڪا آرٽيڪل 154 ۽ 155 جي ڀڃڪڙي آهي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) نگران حڪومت طرفان ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري سمورا اختيار وزيراعظم حوالي ڪري سنڌ جي حصي پتي ۽ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ ۽ ان اعلاني ون يونٽ هڻي سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي ڌاڙو هڻڻ خلاف عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ گذريل ڏيڍ سئو سالن کان پنجاب جو حڪمران طبقو سنڌو درياهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽون ڪوٽ: عوامي تحريڪ جو صدر لال جروار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سيد جي ايم سيد جو پوٽو سيد علي رضا شاهه پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيد جي ايم سيد جو پوٽو سيد علي رضا شاهه پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو سيوهڻ ۾ سيد علي رضا شاهه جي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ملاقات ڪري مٿس اعتماد ڪندي پ پ ۾ شامل ٿي ويو. ذريعن موجب سيد علي رضا شاهه جو سن ۾ وڏو ووٽ بئنڪ آهي ، سنڌ جي اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪوهستاني پٽي ۾ قائم گل احمد ونڊ پاور ڪمپني ۽ ميٽرو ونڊ پاور ڪمپنين جي ملازمن جو احتجاج

گل احمد ونڊ پاور ڪمپني ۽ ميٽرو ونڊ پاور ڪمپنين پاران ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ نہ ڪرڻ خلاف احتجاج

گل احمد ونڊ پاور ڪمپني ۽ ميٽرو ونڊ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي بونس توڙي واڌو پگهارن کان محروم

بونس ڏيئي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ مسئلن جي حل تائين سنڌن احتجاج جاري رهندو: مظاهرين

ٺٽو(بر) ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي ۾ قائم گل احمد ونڊ پاور ڪمپني ۽ ميٽرو ونڊ پاور ڪمپنين پاران مقامي ملازمن جي پگهارن ۾ ڪيل واڌو پگهار ڪين ڏ ملڻ توڙي ڪين بونس نہ ملڻ ڪري ملازم سخت پريشان ٿي سراپا احتجاج بڻيل آهن. ان سلسلي ۾ ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٿيل گل احمد ونڊ پاور ڪمپني ۽ ميٽرو ونڊ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي بونس توڙي واڌو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڊيرو پٽو هائوس تي پي ايس 10 جي اميدوار تي اعتماد جو اظهار، سمون برادري پ پ ۾ شامل

مستري مختيار علي سمون-استاد بدرالدين سمون علي نواز سمون معشوق سمون شموليت ڪئي

اظهرالدين سمون -بهادر سمون- اقرار سمون ۽ ٻين برادري سميت مختلف پارٽين کي ڇڏي شموليت ڪئي

ٺٽون ديرو(رپورٽر شاد محمود پٽو)ٺٽون ديرو پٽو هائوس تي پي ايس 10 جي اميدوار فريال ٽالپور جي سامهون محلا غريب آباد ٺٽون ديرو جي سمان ڪميونٽي جي اڳواڻن مستري مختيار علي سمون استاد بدرالدين سمون علي نواز سمون معشوق سمون وقار سمون ابرار سمون شاهد سمون منور سمون بابو خان سمون مهتاب سمون حيدر سمون سرفراز سمون اظهرالدين سمون بهادر سمون اقرار سمون ۽ ٻين برادري سميت مختلف پارٽين کي ڇڏي پ پ جي چيئرمين بلاول پٽو زرداري فريال ٽالپور تي مڪمل اعتماد ڪري پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ان موقعي تي پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽون ديرو: پ پ ۾ شموليت ڪندڙن جو فريال ٽالپر سان گروپ فوٽو

سکر ۾ پي ٽي آءِ اميدوارن پاران چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ڪارڪن شريڪ

اڳواڻن پاران مختلف هنڌن تي شهرين پاران پي ٽي آءِ اميدوارن جو شاندار استقبال ڪيو ويو

شهر ۾ پي ايس 24 تي پي ٽي آءِ اميدوار عبدالعزيز ابڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي سميت عوام کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون آهن: اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اميدوارن پاران چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي، سوين ڪارڪنن جي شرڪت، سکر شهر جو ماحول عمران خان جي نعرن سان گونججي ويو. مختلف هنڌن تي شهرين پاران پي ٽي آءِ اميدوارن جو شاندار استقبال ڪيو ويو. پاڪستان تحريڪ انصاف لاءِ هر اميدوار جي عوامي طاقت (ووٽ سان پرپور ڪاميابي ملندي، پي ٽي آءِ اميدوارن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي غازي ڳوٺ جي بلاڪ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

گهر ڊاهڻ خلاف رهواسين پاران شاميانا لڳائي احتجاجي ڪئمپ ڪرڻ بعد احتجاج جاري

غازي ڳوٺ جي رهواسين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن محرم راڄپر اعجاز سامٽيو احتجاج ڪيو

بلڊر مافيا جي ماڻهن سان ملي ڪري غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڪراچي(رپورٽر: باغي ساگر ڀنهوار) ڪراچي غازي ڳوٺ جي بلاڪ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف رهواسين پاران شاميانا لڳائي احتجاجي ڪئمپ ڪرڻ بعد احتجاج جاري رهواسين سميت مختلف سياسي سماجي ماڻهن جي قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ شرڪت خبرموجب ڪراچي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ جي بلاڪ کي امڪاني ڊاهڻ خلاف رهواسي طرفان روڊ مٿان شاميانا لڳائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي: غازي ڳوٺ کي ڊاهڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي

ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبدالرحمان قاضي ڪئي

ڪيس هاءِ ڪورٽ منتقل ڪرڻ جي درخواست تي سياڻي ٻڌڻي ڪئي ويندي: ايڊووڪيٽ سهيل ڪوسو

ايڊووڪيٽ سهيل ڪوسو عدالت ۾ دليل ڏيڻ ڪانپوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 30 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سينيئر صحافي اينڪر پرسن شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ ٻن جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبدالرحمان قاضي ڪئي، ٻڌڻي دوران ڪيس جو فريادي صحافي ۽ ٻنهي ڌرين جا وڪيل پيش ٿيافريادي جي وڪيل ايڊووڪيٽ سهيل ڪوسو عدالت کي استدعا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آئي حمايت ختم ٿيڻ بعد بوکلاهٽ جو شڪار ٿي ويا: حاڪم علي جسڪاڻي

8 فيبروري تي عوام بلاول پٽو زرداري کي وزيراعظم چونڊي نئين تاريخ رقم ڪندو: پ پ اميدوار

تہ پ پ ڳالهين بدران عملي خدمت تي يقين رکي ٿي ان ڪري ماڻهو پارٽي سان محبت ڪن ٿا: ڳالهيون

ڪراچي(رپورٽر) ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آئي ڪراچي ۾ پنهنجي حمايت ختم ٿيڻ بعد بوکلاهٽ جو شڪار ٿي ويا آهن8 فيبروري تي عوام بلاول پٽو زرداري کي وزيراعظم چونڊي نئين تاريخ رقم ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار پي ايس 98 جي پ پ اميدوار حاڪم علي جسڪاڻي مختلف علائقن ۾ ڪونايل ڪارنر ڪلاجائين ۽ سچل ڳوٺ ۾ سماجي اڳواڻ جعفر حسين لاکي سان ڀڃي جي وفات تي تعزيتي دعا گهرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڏيڪ چيو تہ پ پ ڳالهين بدران عملي خدمت تي يقين رکي ٿي ان ڪري ماڻهو پارٽي سان محبت ڪن ٿا بلدياتي نظام ۾ ڪراچي اندر پ پ اميدوارن جي ڀرپور ڪاميابي ان جو ثبوت آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي: پ پ اڳواڻ حاڪم جسڪاڻي ۽ ٻيا تعزيت ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ بدين جي رهواسڻ پاران اڳوٽي مڙس خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (بر) ٽنڊو محمد خان ۾ بدين ضلعي جي رهواسڻ ڪوثيري سنڌس مڙس ڪرشن سان گڏ اڳوٽي مڙس خلاف احتجاج ڪندي ڊانهيندي چيو تہ منهنجو پهرين گهر وارو مون کي مارڪٽ ڪندو هو ۽ بار بار تشدد جو نشانو بڻائيندو رهندو هو، جنهن ڪان تنگ اچي پنهنجي پهرين مڙس وارو گهر ڇڏي مون پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي مرڪزي سڏ تي سنڌ جي زمينن جي نيلامي خلاف احتجاج

ڌارين جي نيڪالي ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف جيئي سنڌ محاذ ٺاروشاهه پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي 52713 ايڪڙ زمين اسٽبلشمينٽ جي حوالي ڪئي وئي آهي: اڳواڻ

سنڌ مان افغانين سميت سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏئي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچايو وڃي: ڳالهيون

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي مرڪزي سڏ تي سنڌ جي زمينن جي نيلامي ڪاروبار جي نيلامي افغانين سميت سمورن ڌارين جي نيڪالي ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف جيئي سنڌ محاذ ٺاروشاهه پريس ڪلب ٺاروشاهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي جيئي سنڌ محاذ ضلعي صدر عرفان ڏاهري ديشي اعجاز سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

چمبڙ ۾ اليڪشن ڪميشن جا حڪم اهميت وڃائي ويٺا، ٽائون آفيسر ورڪ ڪرڻ لڳو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) چمبڙ ۾ اليڪشن ڪميشن جا حڪم اهميت وڃائي ويٺا ٽائون ڪميٽي سنجرچانگ جو ٽائون آفيسر سرعام اليڪشن جا ورڪ لڳو. سيف الرحمان ميمڻ خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي، نوبيا ڪوسو تفصيل موجب چمبڙ ۾ ٽائون ڪميٽي سنجرچانگ جي ٽائون آفيسر سيف الرحمان ميمڻ اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پ پ پ يوسي پير بخش پٽو جو انفارميشن سيڪريٽري مظفر علي ڪنياڻ جو والد لاڏائو ڪري ويو

مظفر علي ڪنياڻ جو والد عطا محمد ڪنياڻ 75 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان لاڏائو ڪري ويو

جنازي ۾ سياسي سماجي مذهبي ادبي ڳوٺاڻن حمن مائٽن ۽ مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ شرڪت ڪئي

ٽنڊو ديرو (رپورٽر شاد محمود پٽو)پ پ پ يوسي پير بخش پٽو جو انفارميشن سيڪريٽري مظفر علي ڪنياڻ جو والد عطا محمد ڪنياڻ 75 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان لاڏائو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ محمد تقي ڪنياڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو ديرو: پ پ اڳواڻ مظفر ڪنياڻ سان والد جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ور شهر لڳ ڳوٺ رئيس محمد چانڊيو جي رهواسين پاران باٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

امين ولاسيو ۽ سنڌس پيٽيو انور ٿهيم پريس ڪلب غلام الله ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي احتجاج ڪيو

شاٿو سيال ۽ اڪبر ڪنڀر گهر تي حملو ڪيو ۽ زبردستي گهرن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: مظاهرين

ٽنڊو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ور شهر لڳ ڳوٺ رئيس محمد چانڊيو جي رهواسي امين ولاسيو ۽ سنڌس پيٽيو انور ٿهيم پريس ڪلب غلام الله ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ اسان هن وقت مڪلي غلام الله روڊ تي قائم ترڪش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

خزاني کي لٽيندڙن جو عوام احتساب ڪرڻ چاهي ٿي تہ انهن کي ووٽ نہ ڏئي: محبوب علي سهتو

ووٽ جي طاقت سان احتساب ڪري ۽ اهڙن ايماندار ۽ ديانتدار ماڻهن کي ايوانن تائين پهچايو وڃي

غريب عوام بنيادي ۽ بلدياتي سهولتن کان محروم زندگي گذاري رهيو آهي: مشرف محمود قادري

ملڪ جو غريب عوام بجلي، پاڻي، گيس، طبي ۽ تعليمي سهولتن کان محروم آهي: وفد سان ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ پي ايس 25 تان آزاد اميدوار حافظ محبوب علي سهتو ۽ اهل سنت تنظيمن جي چيئرمين مشرف محمود قادري چيو آهي تہ اقتدار دوران ملڪ جي خزاني کي لٽيندڙن جو عوام احتساب ڪرڻ چاهيو تہ پوءِ عوام انهن کي ووٽ نہ ڏئي ووٽ جي طاقت سان احتساب ڪري ۽ اهڙن ايماندار ۽ ديانتدار ماڻهن کي ايوانن تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري

يونين آف جرنلسٽ پاران صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سومر ڏينهن احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو

سکر (بيوروپورٽ) سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران صدر امداد بوزدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پ پ جي تڏا ويڙهه شروع، پ پ بوکلاهٽ جو شڪار ٿي وئي آهي: غلام مرتضيٰ جتوئي

پ پ اميدوار سرڪاري مشينري استعمال ڪري بلديات جو پيسو ورڪ تي خرچ ڪري رهيا آهن

سنڌ جو شعور سجاڳ ٿيو آهي نوجوان نسل پ پ خلاف مورچن تي بيٺل آهي. عوام اسان سان گڏ آهي

عوام سنڌ جي دشمنن کي سڃاڻي چڪو آهي 8 فيبروري تي پ پ اميدوارن کي لڪڻ جي جاءِ نہ ملندي

ٺاروشاهه (رپورٽر) پ پ جي سنڌ مان تڏا ويڙهه شروع ٿي وئي آهي پ پ بوکلاهٽ جو شڪار ٿي وئي آهي پ پ اميدوار سرڪاري مشينري استعمال ڪري بلديات جو پيسو ورڪ تي خرچ ڪري رهيا آهن ٻوري ضلع نوشهروفيروز مان جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب ٿيندا جي ڊي اي اميدوار غلام مرتضيٰ' خان جتوئي ۽ شاهنواز خان جتوئي جي پريس ڪانفرنس. اين اي 206 جي اميدوار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

آصف پٽو زرداري اڄ مينڊرا هائوس بدين پهچندي، شاندار آجيان جون تياريون مڪمل

بدين ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تي بيٺل اميدوارن جي چونڊ مهم جي ريلي جي قيادت ڪندي

ناراض اميدوار ڪمال خان چانگ پ پ پ اميدوارن جي حق ۾ دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪندو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي ننڍي ڀيڻ آصف پٽو زرداري جيڪا 29 جنوري تي بدين پهچڻي هئي جو پروگرام تبديل ٿي ويو آهي ۽ هو اڄ 30 جنوري تي 12 وڳي مينڊرا هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺاروشاهه: جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

علم انسان ۾ شعور پيدا ڪري ٿو، ۽ مسئلا حل ڪري سگهون ٿا: الطاف حسين سهتو

ڪوٽڙي محمد ڪبير(رپورٽر) نامور تعليمدان الطاف حسين سهتو چيو آهي تہ علم انسان ۾ شعور پيدا ڪري ٿو ۽ علم جي حاصلات سان ئي اسان تمام مسئلا ليڊر اڳواڻ چونڊي سگهون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار استاد الطاف حسين سهتو ڪي بي هائير سيڪنڊري اسڪول محرابپور ۾ ڪمپيوٽر ليب جي افتتاح ڪرڻ دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

درگاهه لواري شريف جي موجوده سجاده نشين پاران جي ڊي اي جي اميدوارن جي حمايت

حضرت پير محمد حسن قادر ثاني مجددي نقشبندي جي جي ڊي اي جي اميدوارن جي حمايت ڪئي

پنهنجي مئينجر مير طارق ٽالپر ذريعي جماعت لواري شريف ۽ ناجيا جماعت کي جاري ڪري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي مشهور درگاهه لواري شريف جي موجوده سجاده نشين حضرت پير محمد حسن قادر ثاني مجددي نقشبندي جي ڊي اي جي اميدوارن جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پير محمد حسن قادر ثاني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر پوليس جون سماجي براين خلاف ڪاروائيون تيز، منشيات ۽ هٿيار هٿ ڪري ورتا

نذير احمد شيخ جي هدايت تي سماجي براين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

سي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ناڪابندي دوران 02 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

جوابدار علي حيدر دايو کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار وٽان شراب جون 5 بوتلون هٿ

سکر(بيورو رپورٽ)سکر پوليس جون سماجي براين خلاف ڪاروائيون تيز منشيات ۽ هٿيار هٿ ڪري ورتاجوابدار گرفتار ڪيس داخل ان سلسلي ۾ پوليس ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل پڌرنائي موجب ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ جي هدايت تي سماجي براين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. اهڙي ريت مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز پاران ڪاروين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

جي ڊي اي اڳواڻ پي ايس 70 ٽنڊو باگو جي اميدوار جو ڪڍڻ ۾ لڳل ڪئمپ جو دورو

پهرين اليڪشن آهي جنهن آر او ڊي آر او جديشنري بدران صوبائي حڪومت ڪرائي رهي آهي

ڪنهن کي بدين ضلعي جي ٻن تڪن تي ماڻهون نہ هئڻ ڪري ٻين ضلعن جا ماڻهون آندا پيا وڃن

ڪڍڻ (رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪڍڻ جي ڊي اي اڳواڻ پي ايس 70 ٽنڊو باگو جي اميدوار جو ڪڍڻ ۾ لڳل ڪئمپ جو دورو ڪري عوامي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو هي پهرئين اليڪشن آهي جنهن آر او ڊي آر او جديشنري مان رکڻ بجاءِ صوبائي حڪومت رڪرائي رهي آهي جنهن تي اسان کي خدشا آهن هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪڍڻ: جي ڊي اي اڳواڻ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي قومي تڪ اين اي 231 تي پيپلز پارٽي جي اميدوار جي مان ۾ آجياڻو فراهم

گلشن عمير سوسائٽي ۽ عارف آرڪيٽ ۾ نواب امير خان لاڙڪ طرفان تقريب منعقد ڪئي وئي

پيپلز پارٽي اها واحد جماعت آهي جيڪا هر دور ۾ صرف عوام جي حقن جي ڳالهه ڪندي آهي: اڳواڻ

ڪراچي(رپورٽر: باغي ساگر ڀنهوار) ڪراچي جي قومي تڪ اين اي 231 تي پيپلز پارٽي جي اميدوار عبدالحڪيم بلوچ ۽ صوبائي تڪ تي بيٺل اميدوار يوسف مرتضيٰ' بلوچ جي مان ۾ گلشن عمير سوسائٽي ۽ عارف آرڪيٽ ۾ نواب امير خان لاڙڪ طرفان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن طرفان شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪونايل تقريب کي خطاب ڪندي اميدوار عبدالحڪيم بلوچ يوسف مرتضيٰ' بلوچ ۽ نواب امير خان لاڙڪ چيو تہ پيپلز پارٽي اها واحد جماعت آهي جيڪا هر دور ۾ صرف عوام جي حقن جي ڳالهه ڪندي آهي بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي روزگار ڏيڻ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سميت عوام کي رليف ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: پ پ اڳواڻ عبدالحڪيم بلوچ ڪارنر گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان جي رهواسڻ پاران بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) پنج مهينا اڳ پر اسرار طور قتل ٿي ويل غلام محمد ڪنڊائي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌس بيواهه مسمات سفوران ڪنڊائي اڄ مسلسل ٽئين ڏينهن بہ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيوهن صحافين کي ٻڌايو تہ اءِ خوف واري زندگي گذاري رهي آهيان ڇو جو منهنجي مڙس جا قاتل بنا خوف جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جماعت اسلامي جي پي ايس 82 اميدوار ضمير احمد چانڊيو جو جلسو، اڳواڻ شريڪ ٿيا

1970 کان 2024 تائين پي پي پي حڪومتن ۾ رهي عوام جي خدمت نہ ڪري سگهي

مهانگو ۽ برساتن مهيڙ کي اين شاهه جوهي ۽ دادو جي عوام کي هٿ وٺي برباد ڪيو ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اسلامي جي پي ايس 82 اميدوار ضمير احمد چانڊيو جو سيال بند تي جماعت اسلامي الخدمت فائونڊيشن طرفان جلسو ڪيو ويو جلسي کي جماعت اسلامي صوبي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ پيپلز پارٽي پي ايس 82 اميدوار بئريسٽر پير مجيب الحق جو شاندار استقبال

وڏيرو ذوالفقار علي پنهور ۽ سيد صفدر علي شاهه پاران جلسو ڪرايو ويو، سوين ماڻهون شريڪ

پ پ سدائين پنهنجن ووٽرن سپورٽرن جي خدمت ڪئي آهي عوام سان گڏ آهيون: پير مجيب الحق

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي پي ايس 82 اميدوار بئريسٽر پير مجيب الحق جو يوسي پير شاهنواز پهچڻ تي جيئي پٽو جي نعرن سان شاندار استقبال ڪيو ويو وڏيرو ذوالفقار علي پنهور ۽ سيد صفدر علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نئون ڪوٽ مان هفتو اڳ جهڏو واسڻ 2 ڀينرون پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ

پراسرار نموني گم ٿيل جهڏو واسي ٻن ڀينرن جو نئون ڪوٽ پوليس پتو لڳائي نہ سگهي آهي

ڪوچ ڊرائيور الهڏنو حاجاڻو منهنجي ٻن نياڻين گل بانو ۽ گل ناز کي ورغلائي اغوا ڪري ڪٺي ويو

پوليس مونکي رلائي رهي آهي آئون ڪيترن ئي ڏينهن کان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪي پيو آهيان

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ مان هفتو اڳ جهڏو واسڻ ٻه ڀينرون پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر، نئون ڪوٽ پوليس تارين جو پتو لڳائڻ ۾ ناڪام بڻيل. وارثن جو نئونڪوٽ پوليس خلاف احتجاج. نئون ڪوٽ جي بس اسٽاپ واري علائقي مان هفتو اڳ پراسرار نموني گم ٿيل جهڏو واسي ٻن ڀينرن جو نئون ڪوٽ پوليس پتو لڳائي نہ سگهي، جهڏو واسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو شهر ۾ ڦورن جي پوليس کي للڪار، دادو پوليس جون وايون بتال، گهر مان لکن جو ڌاڙو

آر بي او ڊي ڪالوني ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي جي گهر ۾ 5 نامعلوم هٿيار بندن ڪاهه ڪئي

يرغمال بنائي گهر ۾ پيل 10 لک روڪ رقم، 12 تولا سون، 2 آءِ فون ۽ ون ٿو فائي موٽر سائيڪل ڦر

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر ۾ ڦورن جي پوليس کي للڪار، دادو پوليس جون وايون بتال. دادو شهر جي آر بي او ڊي ڪالوني ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي جي گهر ۾ رات دير سان 5 نامعلوم هٿيار بند داخل ٿي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي ڪمري ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سرحد واسين جي بيحد پيار ۽ بي لوث محبت جو مڪمل احساس ۽ ادراڪ آهي: محمد بخش مهر

پنهنجائپ وارو ساڳيو جذبو موجود آهي.هي عظيم ۽ مضبوط رشتو سدائين قائم ۽ دائم رهندو

ذوالفقار علي ڀٽو، راڻي محترمه بينظير ڀٽو سميت اڻ ڳڻين شهيد جيالن جي رت جو ريج ڏنل آهي

ڳوٺ جان محمد مهر، ڳوٺ ولي محمد جوئيہ.لکڻ محلا عمرڏهو، ڳوٺ اميد علي مهر ۾ دورو ڪيو

سرحد (رپورٽر)سرحد پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ،پي ايس 20 خانگڙهه جي نامزد اميدوار،چيف سردار محمد بخش خان مهر چيو آهي تہ سرحد واسين جي بيحد پيار ۽ بي لوث محبت جو مڪمل احساس ۽ ادراڪ آهي اسان وٽ بہ تن لاءِ خالص خلوص ۽ پنهنجائپ وارو ساڳيو جذبو موجود آهي.هي عظيم ۽ مضبوط رشتو سدائين قائم ۽ دائم رهندو اهڙن خيالن جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سرحد: شهري پ پ اڳواڻ سردار محمد بخش خان مهر جي آجيان ڪري رهيا آهن

دادو ۾ ڪي اين شاهه جي ڳوٺ ستائي چانڊيو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

پيرسن عورتن قائم خاتون، امام زادي دادو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو احتجاج ڪيو

جوابدارن اعجاز چانڊيو کي بيدري سان قتل ڪري ۽ معشوق چانڊيو کي ڌڪي ڪيو آهي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ ڪي اين شاهه جي ڳوٺ ستائي چانڊيو جي رهواسين پيرسن عورتن قائم خاتون، امام زادي دادو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو احتجاج ڪندي مهينا الزام هنيو آهي تہ 8 مهينا اڳ ڳوٺ جي بااثر بناجوازاسان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو محمد خان ۾ مسلم ليگ ن جي صوبائي اميدوار احمد سعيد جان سرهندي جي حق ۾ دستبردار

آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي جي حق ۾ دستبردار، قوم پرست پارٽين حمايت ڪري ڇڏي

قاضي غلام حسين، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ عمران لغاري، حسن ملاح، فريد خواجه ۽ ٻيا شريڪ

ٽنڊو محمد خان (بر) ٽنڊو محمد خان ۾ مسلم ليگ ن جي صوبائي اميدوار ارشد پنهور آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي جي حق ۾ دستبردار ، قوم پرست پارٽين حمايت ڪري ڇڏي ،خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ پي ايس 66 جي آزاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 30 جنوري 2024ع

ايران ۾ پاڪستاني پورهيتن جو قتل ۽ 'ٽائمنگ'

ڪجھ ڏينهن اڳ ايران جي پاڪستاني سرحدن اندر حملي ۽ پاڪستان طرفان ايران ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي حملي سان ٻنهي ملڪن ۾ جيڪا ڇڪتاڻ وڌي هئي، ان ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي ۽ ٻنهي ملڪن ۾ سفارتي لاڳاپا بحال ٿي مس ٿيا آهن ته ٻنهي برادر اسلامي ۽ پاڙيسري ملڪن جي سرحد خلاف سازش ڪندي ايراني صوبي سيستان جي سراوان واري علائقي ويجهو پنجاب سان تعلق رکندڙ 9 پورهيتن کي قتل ۽ ٽن کي زخمي ڪيو ويو آهي. اهي پورهيت هڪ آٽو ورڪشاپ تي ڪم ڪندا هئا، جن کي ٽن اڻ ڄاتل هٿياربندن ننڊ مان اٿاري قطار ۾ بيهاري گولين هٽي ماري ڇڏيو. پاڪستان طرفان ايران کان ان واقعي جي ذميوارن خلاف فوري طور تي سخت ڪارروائي جي گهر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ايران پنهنجي سر زمين تي 9 پاڪستاني پورهيتن جي قتل کي ننديندي خاطري ڪرائي آهي ته، ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙن جون پاڙون پٽيون وينديون. ايران جي پرڏيهي معاملن جي وزارت طرفان چيو ويو آهي ته ملڪ جي ڳجهن ۽ تحقيقاتي ادارن جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

هي خطو عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي، ان ۾ به اسان جو ملڪ سڀ کان گهڻو متاثر ٿيو آهي ۽ ڀوڳي رهيو آهي. ان جو هڪ سبب هن ملڪ جي پاليسي ساز ادارن ۽ قوتن جا ماضيءَ ۾ تدبر کان وانجهيل فيصلا ۽ پاليسيون آهن. جو هن ائٽمي قوت ملڪ جا حڪمران هڪ ئي فون ڪال تي پٽ پئجي ويا ۽ پوءِ دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ آمريڪي مفادن جي جنگ وڙهي وئي ۽ اسان آمريڪا جي غير نيٽو اتحادي واري اسٽيٽس جي نالي ۾ ئي نهال هئاسين. تڏهن کان اسان جي ملڪ ۾ جيئن دهشتگرديءَ جي شروعات ٿي آهي، اها اڃان تائين ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. هاڻي به برادر اسلامي ۽ پاڙيسري ملڪن جي سر زمين اسان جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي. ملڪ جي ٻن صوبن ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ حالتون خراب آهن، پوءِ اها جدا ڳالهه آهي ته اتي جيڪا 'سيڙپ' اسان جي ناعاقبت انديش حڪمرانن ڪئي هئي، اها اڃان تائين ڀوڳڻي پئجي رهي آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ٻاهريون قوتون پاڪستان جي استحڪام خلاف سازشون ڪري رهيون آهن ۽ انهن جي اک جو ڪنڊو 'سي پيڪ' بڻيل آهي، جنهن اقتصادي راهداريءَ خلاف سازشون جاري آهن.

ايران ۾ 9 پاڪستاني پورهيتن جو قتل انتهائي ڏکوئيندڙ آهي ۽ هي جڏهن واقعو ٿيو آهي ته ان جي "ٽائمنگ" به ڌيان ڇڪائيندڙ آهي. اڃان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا مس بحال ٿيا، جيڪا ڳالهه ٻنهي برادر ملڪن جي دشمن قوتن کي نه آئڙي ۽ 9 پاڪستاني پورهيتن جي قتل واري واقعي ذريعي نئون ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻي اهم ڳالهه اها ته ايران جي پرڏيهي وزير جي پاڪستان جي دوري کان به ڏينهن اڳ اهو واقعو ٿيو آهي، جنهن مان پڻ اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته اصل هٿ ڪي ٻيا آهن. جيڪي ٻن برادر اسلامي ملڪن کي آمهون سامهون آڻڻ چاهين ٿا. اسان جيئن ته ان واقعي جي ٽائمنگ جو ذڪر ڪيو آهي ته اها ڳالهه پڻ سوچڻ جي آهي ته بلوچ يڪجهتي ڪميٽيءَ طرفان ڪوئيٽا ۾ سياسي جلسو ڪيو ويو ۽ بلوچ جدوجهد جڏهن سياسي واٽ وٺڻ لڳي آهي ته ان موقعي تي به ڪي اڻ ڏٺل هٿ وڌيڪ ويڇا پيدا ڪرڻ جي مذموم ڪوشش ۾ رڌل آهن. اهي دشمن قوتون پاڪستان کي ٻن برادر اسلامي ملڪن ايران ۽ افغانستان کان وٿيرڪو ڪري اڪيلو ڪرڻ چاهين ٿيون. هن وقت پاڪستان ۽ ايران کي انتهائي تحمل سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ ايران کي اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته پاڪستان جي خلاف ان جي سرزمين استعمال نه ٿئي ۽ پاڪستان جي 9 پورهيتن جي قتل ۾ ملوث هٿن کي بي نقاب ڪيو وڃي ۽ انهن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن آئنده اهڙا واقعا روڪي سگهجن.

پر اميد ٿي، اڳتي قدم کڻو

رحمت الله پرڙو

اسان سمجهون ٿا ته اسانجي لکڻ تي ڪي حلقا خوش ٿي سگهن ٿا ته وري ڪي اختلاف به رکي سگهن ٿا. اسان ڳالهه نااميديءَ مان نڪري اميد واري پاسي اچڻ جي ڪيون پيا. اسين هتي زور اڳيان ڪمزور جي طاقت جي ڳالهه ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان مايوسيءَ جي جاءِ تي پر اميد ٿي اڳتي نڪرڻ واري احساس جي ڳالهه ڪيون ٿا. مطلب ته هيءَ هيٺي دنيا ئي اصل ۾ طاقتور قوت آهي جي اٿي پئي ته تخت تاج تاراج ڪري وجهي. طاقتور تيستائين زور آور آهي جيستائين توهان کو پنهنجي زور آزمائي نه ٿا ڪريو. اوهانجي طاقت جو پتو طاقتور کي اڳ ۾ ئي آهي ته ڪمزور ڪيڏو وڏو طاقتور آهي پر ڪمزور اٿڻ جي ڪوشش جيستائين ڪري.!! ۽ اها به هن کي خبر آهي ته هو ڪيترو ڪمزور آهي فقط هن کي عوامي اظهار جي هلان ٿي پوي. هو عوام دشمن ۽ رياست دشمن پنهنجي اندر ۾ تمام وڏو خوفائتو آهي ته متان .. اها متان هن متان مسلط آهي فقط اوهان جي انتظار ۾ آهي ته ڪڏهن ٿي ٿئي .. جڏهن هن کي اها عوامي هلان ٿي ته هو اوهان کي نذر به نه ايندو. هن کي پنهنجا اٿاٿا به بوجهه لڳندا تڏهن ته عوامي چور ظاهري طاقت هوندي ڪمزور هوندو آهي. هو جي چور ناهي ۽ اسان منجهان آهي ۽ اسان لاءِ آهي، اسان لاءِ ڪجهه ڪري پيو ۽ اسان جهڙو آهي ته پوءِ هن کي خوف، ڊڄ نه ٿيندو چوته هن ظاهري طاقتور کي وڃائڻ لاءِ ڪجهه ناهي هوندو ته پوءِ خوف ڇا جو. هن وقت اسانجي ملڪ جو عام طور تي خصوصي طور سنڌ جو اليڪشني ماحول آهي. ان عام چونڊن واري ماحول ۾ لاهور کان سکر ۽ سکر کان عمر ڪوٽ تائين اليڪشن مهم دوران جيڪا ميڊيا تي عوامي ردعمل واريون خبرون اچن ٿيون سو انمان ئي اوهان پرکي سگهو ٿا. ته عوامي قوت ڪيتري زور آهي جو جي نڪري پوي منهنجو خيال آهي ته ظاهري ڏاڍن جا هانوو ڏاري وجهي . ٻه ته ٻارنهن وارو محاورو ته هر هنڌ مشهور آهي سو اوهان ظاهري ڪمزور آهيو. نه ڪي هو ظاهري طاقتور آهن. ان ڪري جيترو جلدي پر اميد ٿي قدم وڌائيندا. اوترو جلدي انهن هچائن مان جان ڇڏائيندا. اوهان عام طور تي وڏا وڻ ۽ ٻڙ ڏٺا هوندا. پهاڙ ۽ جبل به ڏٺا هوندا؟؟ سي ظاهري طاقتور ۽ انساني طاقت کان مٿانهان هوندا آهن. پر جي ظاهري ڪمزور انسان ٻڙ ۽ پهاڙ آڏو ان اميد سان ڪا ڇيڻي ۽ ڪو صنداڻ کڻي بيهي ته آهستي آهستي ان جبل ۽ وڏي وڻ کي ڪوري ۽ ڪپي سگهي ٿو. اهڙي طرح ئي اسان جو ظاهري ڪمزور عام جي صورت ۾ اٿي پوي ته ظاهري طاقتور عوام دشمن، انسان دشمن توڙي رياست دشمن انهن آڏو ڪجهه به ناهي. ڪنهن شاعر ڪيڏو نه بهترين شعر چيو آهي جنهن کي اسان ننڍي هوندي ٽين يا چوٿين درجي ۾ پڙهندا هئاسين ته.

(ڏونگر پاڻ ڏري پوندا،
اگر ارادو آهي اٽل .
گرمي سردي، سرتي سهي،
گل جهلي ٿي تڏهن ول)

سو فقط همت ،همت، جرئت، بهادري جي مظاهري ڪرڻ جي ضرورت پڻ آهي. هي هيڏو وڏو جيڪو راڪاسي ماحول اسان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ان پويان ڪو ته آهي؟ شيون ،ڳالهيون ،يا معاملا مسئلا پاڻ مرادو ناهن ٿيندا. ان پويان ڪا نه ڪا سازش، ڪو نظريو، ڪا منصوبا بندي پڻ هوندي آهي جيڪا آهستي آهستي اوهان لڪل طاقت کي ظاهري ڪمزور ڪري وجهندي آهي. ۽ ان پويان ظاهري ڪمزور کي طاقتور ڪري پيش ڪندي آهي. اها هڪ سازشي منصوبابندي گهڻو وقت ناهي هلندي ۽ ان جو انت اوهان جي سجاڳي ۾ آهي. اها سازشي ٿيوري پنهنجي خمير ۾ بلڪل به ڪچي مٽيءَ تي بيٺل ديوار وانگر هوندي آهي جيڪا پاڻيءَ جي هلڪي وهڪري آڏو به اچي پٽ پوندي. جيڪڏهن ان ڪچيءَ مٽيءَ جي ديوار جيان سازشي منصوبا بنديءَ کي ٿورو به منهن سامهون بيهي اوهان عام طرفان مرده باد جو نعرو لڳو ته توهان کي هي سامهون ظاهري بيٺل ڏونگر ريزا ريزا ٿيندي نظر ايندا. اوهان ٿوري همت ڪري ڪنهن جبل آڏو ڪا ڇيڻي ۽ صنداڻ ته کڻو ڪنهن وڻ ۽ ٻڙ آڏو اچي ڪو ڪات يا ڪهاڙي ته ڪٽي نڪ نڪ ته ڪيو پوءِ ڏسو اوهان جي اهو مرده باد وارو نعرو، جبل ۽ پهاڙ کي لڱندڙ ڇيڻي ۽ صنداڻ توڙي وڻ لاءِ ڪات ۽ ڪهاڙي وانگر ڪافي آهي. رڳو نيڪ نيتيءَ سان پر اميد ٿي اوهان قدم وڌايو. هٿ ايا ته ڪري ڏسو ۽ ٻهتي ڪهاڙيءَ جو وار ته وڻ کي ڪري ڏسو نتيجو ڪنهن صورت ۾ نه ملي ته اسين ڏوهجا ڏوهاري. اوهان جي مقرر ڪيل سزا اسان جي اکين تي. اڄو ته هن عالمي پس منظر ۾ پنهنجي لاءِ پيدا ٿيندڙ هچائن جو مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ جي همت/صلاحيت پيدا ڪيون. هي عوام دشمن، هي ادارتي دشمن، هي رياست دشمن، هي اسان جا ثقافت دشمن، هي اسان جا قدر دشمن اسان ۽ اوهان يعني عوام کان طاقتور ناهن. بلڪل به هي ڪمزور ڪردار آهن ظاهري طور هي اسان جا پگهاردار ۽ عوامي ٽيڪس تي پلجندڙ ۽ عوامي ٽيڪس چور قومي خزاني جا چور اوهان کان زور ناهن .اوهان عام ماڻهون اها ڳالهه سمجهي ڇڏيو ته هي ملڪ جا حڪمران، رياست ۽ سياست جا رکوالا توڙي سول سروسز آفيسرز يا مجموعي ملازم اوهان جي ٽيڪس مان پگهارون کڻي رهيا آهن ۽ هو اوهانجا خادم ۽ نوڪر پڻ آهن. اها ڪا تعجب واري ڳالهه ناهي جو توهان اهو چئو ته سرڪاري آفيسر ۽ منسٽر ،چيف منسٽر ۽ پرائيم منسٽرز کي ملندڙ پروٽوڪال اوهان جي خدمت عيوض ملندا آهن. اوهان جي عدالتن اندر ويٺي انصاف جا فيصلا ڪندڙ ججز کي به ملندڙ پگهارون ۽ پروٽوڪال اوهان جي قومي خزاني مان ملن ٿيون. انڪري اوهان کي وقت تي انصاف نه ملي ۽ انصاف ملڻ ۾ دير ٿئي اوهان دانهن ڪرڻ ۽ اظهار ڪرڻ جو قانوني حق رکو ٿا. انڪري همت کان ڪم وٺندي اوهان سوال ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪيو. اڳتي وڌو ڪو توهان جو حق کائي نٿو سگهي. چوڻ زور توهان وٽ آهي اوهان فقط ۽ فقط جرئت سان فيصلو ڪري اڳتي اچو پوءِ ڏسو ته ڪو انقلاب، ڪا تبديلي ڪيئن نه ٿي اچي.

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيلان نِينهن جي، پاسي ڪر مَ پانُ؛
جُلُ، وِڃائي جانُ، عاشقَ! اَجَلَ سامهُون.

ارسا ۾ غير آئيني مرڪزيت جا سانباها

نصير ميمڻ

نگران حڪومت پنهنجي مدي جي پڄاڻيءَ کان ٻه هفتا اڳ اوچتو ارسا ايڪٽ ۾ ارسا کي مرڪز حوالي ڪرڻ لاءِ ترميمي آرڊيننس آڻڻ جي ڪم ۾ جنبي وئي آهي. ڪابينا ڪميٽيءَ لاءِ تيار ڪيل هڪ سمريءَ ۾ ان غير آئيني ڪم جا وچور ڏنل آهن. ان ترميم جا ڪجهه اهم نڪتا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ارسا جي جوڙجڪ کي بدلائي هن وقت واري واري سان صوبن مان آيل ميمبرن مان هڪ کي چيئرمين مقرر ڪرڻ بجاءِ هاڻي چيئرمين مقرر ڪرڻ جو اختيار وزيراعظم حوالي ڪيو ويندو، جيڪو وفاقي حڪومت جو حاضر سروس يا رٽائرڊ 21هين گريڊ جو ڪو ڪامورو ارسا جو چيئرمين مقرر ڪري سگهندو.

(2) وائيس چيئرمين جو عهدو واري واري سان صوبن کي ڏنو ويندو.

(3) چيئرمين ضرورت پوڻ تي تنصيبات جي حفاظت لاءِ وفاقي حڪومت معرفت فوج يا ڪنهن قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي واهر وٺي سگهندو. ان مرڪزيت پسند ترميم لاءِ 18 جنوريءَ تي پاڻيءَ وارن وسيلن جي وزارت کي ترميم جو پروپوزل موڪليو ويو. اهو خط ارسا جي چيئرمين عبدالحميد مينگل پاران موڪليو ويو جيڪو ارسا ميمبرن کي پڻ ڪاپي ڪيو ويو. البت هڪ ارسا ميمبر جو چوڻ هو ته ڪيس اهڙو خط ناهي مليو ۽ نه ارسا جي ڪنهن به ميٽنگ ۾ معاملو ميمبرن اڳيان رکيو ويو. اندازو لڳايو ته هن ملڪ جي ادارن جو ڪار وهنوار ڪيئن پيو هلايو وڃي ته چيئرمين ارسا پنهنجي اداري جي ايڪٽ ۾ ترميم ٿيڻ کان اڳ صوبائي ميمبرن سان رسمي صلاح مشورو به نٿو ڪري. چيو ٿو وڃي ته چيئرمين ارسا شروع ۾ ڪجهه مزاحمت ڪئي پر پوءِ وارن ڪيس بيوس ڪري ڇڏيو.

22هين جنوري تي پاڻيءَ واري وزارت اها سمري قانون ۽ انصاف واري وزارت کي موڪلي سمريءَ جي جائزي لاءِ خط اماڻيو. ان وزارت ڪمال درجي جي ڦڙتي ڏيکاريندي ٻئي ڏينهن 23هين جنوريءَ تي ان سمريءَ جي منظوري موڪلي ڏني. ان ڪانپوءِ اها سمري ڪابينا جي سب ڪميٽيءَ اڳيان پيش ڪئي وئي. چيو وڃي ٿو ته رٿابنديءَ واري وفاقي وزير ان ترميم جي مخالفت ۾ ڳالهايو ۽ مخالفت ۾ نوٽ به لکيو ياد رهي ته ارسا ايڪٽ ۾ ترميم جو هي طريقو غير آئيني آهي. آئين جي آرٽيڪل 154 موجب، وفاقي آئيني لسٽ سان لاڳاپيل سمورن اسمن تي پاليسيون ناهڻ جو اختيار ڪائونسل آف ڪامن انٽرسٽ (گڏيل مفادن واري ڪائونسل) وٽ آهي. ان لسٽ ۾ ڇهون نمبر اسم "سمورين ريگيوليٽري اٿارٽيز" جا ڏنل آهي. ارسا به ريگيوليٽري اٿارٽي طور ان وصف ۾ اچي ٿي.

آئين جي آرٽيڪل 155 موجب صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جي تڪرارن بابت معاملا گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اختيار هيٺ ڄاڻايا ويا آهن. انهن چٽين آئيني شقن هوندي به ارسا جا معاملا وفاقي ڪابينا وسيلي هلائڻ سراسر آئين جي ڀڃڪڙي آهي. اهو سمورو عمل مڪمل طور غير آئيني آهي، چوته آئين موجب ارسا وفاقي ڪابينا جو نه پر گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو سبجيڪٽ آهي. اصولي طور اهڙو ڪوبه معاملو سڀ کان پهرين گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ بحث هيٺ اچڻ گهرجي. پاڻيءَ واري وفاقي وزارت، قانون ۽ انصاف واري وزارت توڙي ارسا پاڻ غير آئيني طور اها سڄي ڪارروائي ڪئي آهي. اصولي طور ارسا جا فيصلا وفاقي حڪومت اڪيلي سر ڪرڻ جي مجاز ئي نه آهي، چوته ان ۾ چئني صوبن جا ميمبر هوندا آهن. هڪ ادارو جيڪو هن وقت وفاقي اداري جي شڪل ۾ آهي، ان کي وفاقي حڪومت جي ڪاموري جي ماتحت ڪرڻ صوبن مٿان مرڪزيت مڙهڻ جي ڪوشش آهي. هن غير آئيني عمل کي روڪڻ لاءِ سنڌ حڪومت، سنڌ توڙي ٻين صوبن جي ارسا ميمبرن ۽ سول سوسائٽيءَ کي ان معاملي تي سخت موقف اختيار ڪندي وفاقي حڪومت اڳيان اهو معاملو اٿارڻ گهرجي. صوبن جي خاموش رهڻ سان ارسا هڪ وفاقي بجاءِ مرڪزي ادارو بڻجي ويندو. سنڌ خاص طور تي پاڻيءَ جي ورهاست ۾ هميشه خساري جو شڪار رهي آهي، ان کي خاص طور تي ان معاملي تي سخت موقف رکڻ گهرجي. سنڌ ۾ ارسا جي نمائندي کي پنهنجي چيئرمين اڳيان لکت ۾ پنهنجو موقف رکڻ گهرجي. ارسا چيئرمين پاران اهڙي غير آئيني عمل کي اڳتي وڌائڻ، صوبائي ميمبرن سان مشورو نه ڪرڻ ۽ صوبائي حڪومتن کي اعتماد ۾ وٺڻ ڪانسواءِ ترميمي رٿ اڳتي وڌائڻ تي ڪانئس پڇاڻو ٿيڻ گهرجي.

مرڪزيت وارو هي رويو ويجهڙ ۾ مضبوط ٿيو آهي. صوبن جون زمينون ڏيڍ ڏونس سان هڪ مخصوص ڪمپنيءَ کي ڏيارڻ وارو عمل به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. ارسا کي مرڪز جي اختيار هيٺ آڻڻ جو مقصد شايد انهن زمينن لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ ڪو بندوبست ڪرائڻ گهرڻ ٿا. ان قسم جي مرڪزيت پسندي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مائٽي ٿيل تڪرار کي ٻيهر اڀارڻ جو ڪارڻ بڻجندي. ارسا ۾ اڳي ئي ٿيندڙ فيصلا تڪراري ٿيندا رهيا آهن ۽ هن نئين انتظام هيٺ اهي تڪرار وڌيڪ شديد ٿيندا. صوبن اندر اڳي ئي اهو تاثر مضبوط ٿي رهيو آهي ته ملڪ هڪ پيرو ٻيهر ون يونٽ واري حالت ۾ داخل ٿي رهيو آهي. اسلام آباد جي اسٽيبلشمينٽ اڳي ئي ارڙهين ترميم کي ختم ڪرڻ ۽ نيشنل فنانس ايوارڊ ۾ صوبن کي مليل حصو ختم ڪرڻ جا سانباها ڪري رهي آهي. ارسا ايڪٽ ۾ غير آئيني طريقي سان ان ترميم وسيلي مرڪزيت کي هٿي ڏيڻ واري ان سلسلي کي اڳتي وڌايو ويندو.

بقايا 01 ***

۾ شامل ٿيو ته ٽيس، اهو نٿو ٻڌائي سگهان، ٻڌايو ته عمران خان جون ڏکيائون وڌي وينديون. مان دوست جي ڏکيائين ۾ واڌ نٿو ڪرڻ چاهيان. هن چيو ته مان ن ليگ ۾ 35 سال گذاريا، مون وٽ ڪيترائي راز آهن پر انهن تي تنقيد نه ڪندس، مان چاهيان ٿو ته چونڊن ڪانپوءِ عزت سان ڪنهن جماعت ۾ وڃان. 2018ع جي چونڊن ۾ ڇا ٿيو، ان جو سبب ڪجهه پوءِ ٻئي دفعي ٻڌائيندس.

بقايا 02 ***

تباهي ڪڏهن نه ڏٺي هئي، اڄ ڪو لورو ڪرڻ ناهيان آيو هن نالو کڻڻ بنا بلاول کي جواب ڏنو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال راڄن پور جي پٽي صوبي جي ڪنهن به اسپتال سان ڀيٽ ڪيو. فيصلو ٿي ويندو. شهباز شريف پي ٽي آءِ تي به تنقيد ڪئي ۽ چيو ته اها چار سال ڏاڍي ڦيٽي ۾ لڳل رهيا ۽ ڪو ڪم نه ڪيو. نواز شريف ئي ملڪي مسئلا حل ڪري سگهي ٿو.

بقايا 03 ***

تي اٽارني جنرل چيو ته چار درخواستون آهن جن ۾ قيوم صديقي ۽ اسد درخواستگذار آهن. چيف جسٽس چيو ته قيوم صديقي ٻڌائي ته ڪيس پاڻ هلائڻو آهي يا پريس ايسوسيئيشن جو صدر دليل ڏيندو؟ جنهن تي عبدالقيوم صديقي چيو ته هو ڪجهه حقيقتون سامهون رکڻ چاهي ٿو. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏيندي چيو ته قدرت جو نظام ڏسو ته اسان پاڻمرادو نوٽيس عدالت نمبر 2 ۾ ورتو پر معاملو 5 رڪني بئنچ وٽ پاڻمرادو نوٽيس اختيار لاءِ هليو ويو. 5 رڪني بئنچ طئي ڪيو ته 184 ٽي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو اختيار رڳو چيف جسٽس جو آهي. صحافين کي ٽي ته پرجڪن کي به اظهار جي آزادي هوندي آهي. چيف جسٽس چيو ته عبدالقيوم صديقي اوهان ته چيو هو ته اوهان ڪيس کي هلائڻ نٿا چاهيو. جنهن تي عبدالقيوم صديقي چيو ته جڏهن معاملو جسٽس اعجاز الحسن جي بئنچ وٽ ويو ته هن چيو ته هو ڪيس نه ٿو هلائڻ چاهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته صحافين جي شڪايت کي ڏٺو ئي نه ويو هو. سپريم ڪورٽ ڪيس اڪلائڻ بدران 2021ع کان سرد خاني ۾ رکيو. عبدالقيوم صديقي ٻڌايو ته ان وقت اوهان جي درخواست ڪهڙي هئي ۽ هاڻي ڇا آهي؟. چيف جسٽس چيو ته يا ته سرڪار چوندي آهي ته آرٽيڪل 19 تي عمل ناهي ڪرائڻو يا داد رسي ڪندي آهي. بنيادي حق کي زنده رکڻ يا وري اهي رڳو ڪاغذ تي لکيل سمجهون. هي ڪيس دفن ٿيڻ سان گڏ ته بنيادي حق به دفن ٿي ويا. مان ته پهريان پنهنجي اداري تي ڳالهائيندس، ڪيستائين ماضي جي غلطين کي ورجائيندا سين؟ مون تي تنقيد ڪندا ته مون کي پنهنجي غلطي بابت ڄاڻ هوندي. صحافي عبدالقيوم صديقي چيو ته مون چيو هو ته پنهنجو معاملو الله تي ڇڏيان ٿو جيئن هتي مسئلو رکيو آهي ائين ئي چيف جسٽس گلزار احمد وٽ به وڃڻ چاهيون پيو، پر اجازت نه ڏني وئي. چيف جسٽس ڪيس ترڪيندي چيو ته بس اڳوڻي چيف جسٽس تي تنقيد ناهي ڪرڻي موجوده تي ڪرڻي آهي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ اٽارني جنرل کان پڇاڻو ڪيو ته اهي شڪايتون ٻڌائڻ لاءِ مقرر ڇو نه ٿيون آهن. دنيا ۾ زنده قومون ماضي جي غلطين مان سکنديون آهن. زنده قومون ماضي مان سکنديون آهن ۽ اسان چوندا آهيون بس اڳتي وڌو. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ايف آءِ اي جي رپورٽ ڏني هئي ته ڪنهن به صحافي خلاف ڪارروائي نه ٿي رهي آهي، ايف آءِ اي پراڻي ڪارروائين بابت ڪو به جواب نه ڏنو هو. چيف جسٽس چيو ته اسد طور کان پڇا ڪريو ته ڇا اهي ماڻهو پڪڙيا ويا جن تشدد ڪيو هو؟ اسد طور ڇا اوهان ماڻهن انهن جا چهرا سڃاڻي سگهو ٿا؟. اسد طور چيو ته جن تشدد ڪيو اهي پڪڙيا ئي نه ويا هئا، اڄ به ڏسي سڃاڻي سگهي ٿو جنهن تي چيف جسٽس پڇا ڪئي ته ڇا تشدد ڪندڙن جا خاڪا ناهيا ويا هئا؟ اسد طور چيو ته خاڪا ته ناهيا ويا هئا پر جيو فينسنگ نه ڪئي وئي هئي. چيف جسٽس پاڪستان پڇاڻو ڪيو ته اسد طور جو ڪيس سرد خاني ۾ وڌو ويو يا اڃا هلي رهيو آهي؟ اٽارني جنرل اسد طور ڪيس بابت گڏيل ۽ تفصيلي رپورٽ ڏئي. اسد طور چيو ته هو پاڻمرادو نوٽيس ڪيس جي پيروي نه ٿو ڪرڻ چاهي. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته اوهان نه ڪريو پر اسان پاڻ ان ڪيس کي ڏسنداسين. چيف جسٽس چيو ته اوهان سمجهو ٿا ته تنقيد روڪي منهنجو يا سپريم ڪورٽ جو فائدو ڪري رهيا آهيو ته اوهان نقصان ڪري رهيا آهيو. صحافي جيڪڏهن عدالتي فيصلن تي تنقيد ڪن ٿا ڪن. ڪنهن کي تشدد تي ڀڙڪائڻ يا نفرت پکيڙڻ وارو معاملو ڌار آهي، ڪنهن به صحافي يا عام ماڻهو کي به تنقيد ڪرڻ کان روڪي نه ٿا سگهون. سپريم ڪورٽ تي تنقيد تي ڪو به ڪيس داخل نه ٿيندو. جسٽس مسرت هلالي چيو ته سوشل ميڊيا ادارن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي، جيڪڏهن آرٽيڪل 19 جو خيال آهي ته پوءِ ڪجهه خيال آرٽيڪل 14 جو به ڪريو. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ٿمبنيل تي جيڪو لکيل هوندو آهي اهو اندر ناهي هوندو، اهو ڏاڍو عجيب آهي. فيئر تنقيد ۾ مسئلو ناهي پر جيڪا ٻولي استعمال ڪئي ويندي آهي اها غلط آهي. اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ کي خاطري ڪرائي ته تنقيد ڪرڻ تي ڪنهن به صحافي خلاف ڪارروائي نه ڪئي ويندي. چيف جسٽس چيو ته جيڪڏهن ڪنهن صحافي کي رڳو تنقيد ڪرڻ تي گرفتار ڪيو وڃي ته اهو غلط آهي. مون کي تي گار گند سان به فرق ناهي پوندو ته حدون نه اورانگهيون وڃن. صحافي عبدالقيوم صديقي چيو ته وفاقي حڪومت کان اهو به پڇيو وڃي ته جي آءِ ٽي ڪنهن جي درخواست تي ناهي وئي. ڇو ته ان بابت ڪيتريون ئي اڳڪٿيون ٿي رهيون آهن. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته هو انهن کي به حق ڏيارينا جيڪي سنڌ سامهون نه آهن. پاڻ تي تنقيد ڪي پليڪار جوان ٿو ڪري ٿا وٺون. جنهن تي جسٽس مسرت هلالي چيو ته هتي ته قائداعظم جو به مذاق اڏايو آهي. صحافي مطيع الله جان چيو ته ارشد شريف جي قتل جو پاڻمرادو نوٽيس مقرر ڪيو وڃي. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته ارشد شريف جو ڪيس به ايندڙ ٻڌڻي تي ڳنڍجي سگهي ٿو سپريم ڪورٽ بار جي صدر چيو ته عدالتي فيصلي تي تنقيد ٿيڻ گهرجي پر ججن خلاف هٽ نوڪيون ڪهاڻيون نه ناهيون وڃن. جنهن تي جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ٽي وي لاءِ پيمرا جو ضابطا اخلاق موجود آهي پر يوٽيوب جو ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ناهي. چيف جسٽس چيو ته فتويٰ ڏيڻ وارن کان بدتر ۽ منفي سوچ ڪنهن جي نٿي ٿي سگهي. هو نفرت پکيڙيندا آهن ۽ قبرستان به ناهن ڇڏيندا. اهي هاڻي اڙدها بڻجي چڪا آهن هڪ ٻارڙي ملالا تعليم جي ڳالهه ڪري رهي هئي مٿس حملو ڪيو ويو، اسان لاءِ ڪيڏي شرم جوڳي ڳالهه آهي ته هو هاڻ پنهنجي ملڪ به نٿي اچي سگهي. سپريم ڪورٽ اٽارني جنرل کان صحافين خلاف ڪيسن جا تفصيل طلب ڪندي چيو ته ٻڌايو ته مطيع الله جان، اسد طور، عامر مير ۽ شفقت عمران ڪانسواءِ ٻيا ڪهڙا ڪيس آهن. صحافين خلاف جيڪي داخل ڪيس آهن رڪارڊ ڏنو وڃي. جيڪي صحافين ايف آءِ آرز داخل ڪرايون تن جو به سمورو رڪارڊ ڏنو وڃي. ڊي جي ايف آءِ اي ۽ آءِ جي پوليس جهڙن آفيسرن کان تفصيل ورتا وڃن. عدالت صحافين کي هيسائڻ بابت پاڻمرادو نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪندي وفاقي حڪومت کي صحافين تي تشدد خلاف رپورٽ ٻن هفتن اندر پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 04 ***

شامل هوندا. دهشتگردي بابت هڪٻئي جي خدشن کي ختم ڪيو ويندو. نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني چيو ته ايران پاڪستان جو دوست ۽ پاڙيسري ملڪ آهي، ايران گهرا ثقافتي، مذهبي ۽ ڀائپي وارا لاڳاپا آهن. ايراني وفد سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جنهن دوران گڏيل مفادن جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. نگران پرڏيهي وزير چيو ته دهشتگردي جو مسئلو ٻنهي ملڪن جو گڏيل چئلينج آهي. انڪري دهشتگردي خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي. سرحدي علائقن ۾ معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻي پوندي. مضبوط لاڳاپا ٻنهي ملڪ جي ترقي لاءِ تمام گهڻو اهم آهن. هن چيو ته اعلي سطحي حڪمت عملي پاڪستان ۽ ايران جي مفاد ۾ آهي. اسان ايران جي صدر کي چونڊن بعد پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني آهي. پاڪستان ۽ ايران هڪ اعلي سطحي مشاورتي ميڪنزم جي قيام تي اتفاق ڪيو آهي، جيڪو ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جي وچ ۾ هوندو. سندس چوڻ هو ته هن ايران ۽ پاڪستان وچ ۾ رابطي لاءِ تربت ۽ زاهدان ۾ رابطا آفيسر مقرر ڪيا ويندا. رياست جي خودمختاري ۽ احترام ضروري آهي. ايراني پرڏيهي وزير جو چوڻ هو ته دهشتگردن کي ڪارروائين جو ڪو به موقعو فراهم نه ڪيو ويندو، سرحد تي سرگرم دهشتگرد ٻنهي ملڪن لاءِ گڏيل خطرو آهن. دهشتگردن ايران کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي. هن چيو ته دهشتگردن کي پنهنجي گڏيل سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ماضي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪڏهن علائقائي تڪرار نه رهيو. هو پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختاري جو احترام ڪن ٿا. سندس چوڻ هو ته ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته پاڪستان ۽ ايران جي گڏيل سرحدي خطي ۾ ايراني ۽ پاڪستاني علائقن ۾ دهشتگرد موجود آهن جن کي ٽئين ملڪ جي مدد ۽ رهنمائي حاصل آهي. ايراني پرڏيهي وزير چيو ته دهشتگردن پاڪستان ۽ ايران کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي. واپار کي هلي ونرائڻ لاءِ به بارڊر فوري طور کولڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 05 ***

هڪ ڪري هليا ويا. لاهور ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو مون کي خبر آهي ته مان پنهنجي پيئرن ۽ ڀائرن جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي. جيڪڏهن مان ڪجهه نه ڪيان ها ته توهان مون کي هيئن پيار نه ڏيو ها. هن چيو توهان نه ڄاڻو ٿا ته نواز شريف بي ڏوهه هو سزائون ڏيندڙ جج هڪ ڪري هليا ويا. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ چيف جسٽس بڻجڻ وارو جج به هليو ويو، اهو ڇو ويو. ڇو ته دال ۾ ڪجهه ڪارو هو. سندس چوڻ هو ته اهو جج منهنجي ڪيسن جي مانيٽرنگ جج بڻجي ويٺو هو. هاڻ هو استعيفيٰ ڏئي چڪو آهي ۽ نواز شريف توهان جي سامهون بيٺو آهي. اڳوڻي وزيراعظم چيو منهنجي دل چاهي ٿي ته مان توهان لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيان. جنهن جي توهان کي مون مان اميد آهي. اڳ به مان سچائي سان ڪوشش ڪئي ۽ اڳتي به ڪا ڪسر نه ڇڏيندس. نواز شريف عوام کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان کي ن ليگ جو ساٿ ڏيڻو آهي. ملڪ ۽ قوم کي پيرن تي بيهاريندا سين ۽ هي دنيا جي خوشحال ترين قوم بڻجندي.

بقايا 06 ***

سردار طارق مسعود پاڻ کي بينچ کان ڌار ڪري ڇڏيو. جسٽس سردار طارق مسعود فوجي عدالتن غير آئيني قرار ڏيڻ جي فيصلي خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلن تي 6 رڪني بينچ جي سربراهي ڪري رهيو هو. جسٽس امين الدين خان، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت به بينچ جو حصو هئا. ٻڌڻي شروع ٿي ته جسٽس سردار طارق مسعود چيو ته اسان بينچ تي داخل ڪيل اعتراضن کي پهريان ٻڌنداسين. جواد ايس خواجه جي وڪيل بينچ تي اعتراض اٿاريندي چيو ته بينچ جي ٻيهر جوڙجڪ جي لاءِ معاملو ججز ڪميٽي ڏانهن اماڻيو وڃي. لاهور بار جي وڪيل حامد خان ڪيس ۾ دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جسٽس سردار طارق مسعود ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن اسان کي ڪيس ٻڌڻو ئي نه آهي ته دليل نه ڏيو. اسان تي اعتراض اٿاريا پيا وڃن ته مان ڪيس کان ڌار ٿي وڃان. عدالت بينچ جي جوڙجڪ جي لاءِ معاملو پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏيو. عدالت چيو ته پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪميٽي لارجر بينچ جوڙي. ملٽري ڪورٽس ۾ سولين جو ٽرائل جاري رکڻ جو حڪم امتناع برقرار رهندو.

بقايا 07 ***

چونڊن لاءِ قومي اسيمبلي جي اميدوار صنم جاويد جي ضمانت درخواست منظور ڪري ورتي. عدالت وڪيلن جا دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي صنم جاويد جي ضمانت جو حڪمنامو جاري ڪيو. صنم جاويد جي ضمانت منظور ٿيڻ کان پوءِ پوليس شادمان ٿاڻي ۾ داخل دهشتگردي جي ڪيس ۾ ڪيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو. ان حوالي سان پنجاب پوليس چيو آهي ته صنم جاويد کي شادمان ٿاڻي منتقل ڪيو ويندو. ڪيس شادمان ٿاڻي ۾ داخل دهشتگردي جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. انويسٽيگيشن پوليس صنم جاويد کي دهشتگردي جي ڪيس نمبر 768 ۾ گرفتار ڪيو آهي.

بقايا 08 ***

دوران جون سموريون اجازتون ملتوي ڪري ڇڏيون آهن. رپورٽ موجب نگران وزيراعظم چونڊ عمل مڪمل ٿيڻ تائين وفاقي وزيرن ۽ سمورن سرڪاري ملازمن خاص طور تي لاڳاپيل کاتن ۽ خودمختيار ادارن جي ملازمن کي ڏنل سمورن سرڪاري يا نجي پرڏيهي دورن جون اجازتون فوري طور تي ملتوي ڪري ڇڏيون آهن. وزيراعظم سيڪريٽريٽ سمورن وفاقي سيڪريٽرين کي هدايت ڪئي آهي ته هو انهي ڳالهه کي يقيني بڻائين ته پرڏيهي دورن جون سموريون اجازتون سرڪاري يا پرائيويٽ ڪين يا سندن کاتن جي انچارج وزيرن طرفان ڏنل اجازتون به فوري طور تي واپس ورتيون وڃن.

بقايا 09 ***

سنڌ مان ڪلين سوئيپ ڪندي. پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پ پ ڪروڙ سيٽون کٽندي. آزاد اميدوار ڳڏائي پ پ کي اڪثريت ٿيندي ۽ بلاول ئي وزيراعظم ٿيندو سندس چوڻ هو ته نواز شريف وزيراعظم لاءِ مريم نواز جو نالو ڏئي سگهي ٿو جڏهن ته مريم نواز جي نالي تي ن ليگ ۾ اختلاف ٿيندا.

بقايا 10 ***

سبسڊي خرچ ٿيندي آهي. حڪومت ۾ اچي اها سبسڊي ختم ڪري رقم غريبن تي خرچ ڪنداسين. شاگردن جي سوالن جا جواب ڏيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته وفاق وٽ 17 وزارتون اهڙيون آهن، جيڪي ختم ٿيڻ گهرجن. حڪومت وٽ انهن 17 وزارتن کي هلائڻ لاءِ پئسو ناهي. حڪومت ۾ اچي اهي 17 وزارتون بند ڪنداسين. اشرافيا کي ڏنل 1500 ارب جي سبسڊي ختم ڪري رقم غريبن تي خرچ ڪنداسين. هن چيو ته مهانگائي، بيروزگاري ۽ موسمياتي تبديلي اهم مسئلا آهن. جنهن جي حل لاءِ مان منشور تيار ڪرايو آهي. منشور مان پاڻ ماهرن سان گڏ ويهي ٺهرايو آهي. پاڪستان معاشي بحران جو شڪار آهي ۽ موسمياتي تبديلين کي به منهن ڏئي رهيو آهي. ان جي تدارڪ لاءِ بجيٽ ۾ واڌ ڪنداسين.

بقايا 11 ***

جي لاءِ مذهبي اخلاقيات سان گڏوگڏ اسڪول نه ويندڙ ٻارن کي تعليم جي فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. مسجدن کي مسلمان معاشري ۾ مرڪزي مقام حاصل آهي ۽ انهن کي ماڻهن کي بيمارين کان بچاءُ ۽ ٻين اهم سماجي مسئلن کان آگاهي جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. صدر اهڙن خيالن جو اظهار تعليم جي فروغ ۽ صحت جي مسئلن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ مسجدن ۽ مدرسن جي ڪردار بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر انيق احمد ۽ مختلف مڪتب فڪر جي عالمن شرڪت ڪئي.

بقايا 12 ***

شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رهندي. نالي متاستا جا ذخيرا 8.3 ارب ڊالر تي ويا آهن. ايڪسٽرنل اڪائونٽ جي صورتحال بهتر ٿي آهي. ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 2022 ۾ 17 ارب ڊالر هو. مهانگائي جو دٻاءُ هاڻ به برقرار آهي. هن چيو ته مهانگائي تي توانائي اگهن جو اثر اهم آهي. هلندڙ مالي سال مهانگائي 23 کان 25 سيڪڙو رهندي. لارج اسڪيل مينوفيڪچرنگ بهتر ٿي آهي. هلندڙ مالي سال جي ڊي پي جي شرح 2 کان 3 سيڪڙو رهندي. سندس چوڻ هو ته صنعتي ۽ زرعي ترقي سبب جي ڊي پي بهتر رهندي. مارچ ۾ وياج جي شرح جو ٻيهر جائزو ورتو ويندو. مارچ ڪانپوءِ مهانگائي جي شرح ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي ويندي. ايندڙ مهينن ۾ مهانگائي ۾ گهٽتائي وياج جي شرح جي سخت پاليسي سبب ٿيندي. جميل احمد چيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ جنسن جي اگهن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. اسان جو مانيٽري پاليسي جو رجحان سخت رهندو.

بقايا 13 ***

۽ هاءِ سيڪيورٽي فيچر سان متعارف ڪرايا ويندا. سندس چوڻ هو ته نون نوٽن جي ڊيزائن جو فريم ورڪ شروع ٿي چڪو آهي، اميد ته نون نوٽن جي ڊيزائن جو فريم ورڪ مارچ تائين مڪمل ٿي ويندو. اسٽيٽ بئنڪ گورنر واضح ڪيو ته ڀارت جيان ڪرنسي نوٽن جي تبديلي اوچتو نه ڪنداسين. اسٽيٽ بئنڪ ذريعي جوچونڊ آهي ته سڄي ملڪ ۾ جعلي نوٽن جي شڪايتن کي ڏسندي اهو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 14 ***

مسئلن جو شڪار آهي. لاهور ۾ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته نواز شريف کي پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي نااهل ڪيو ويو. نواز شريف قوم جو خدمت گذار آهي. نواز شريف جڏهن ايندو آهي ته مهانگائي گهٽجي ويندي آهي. ملڪ ترقي ڪندو آهي. اٽو سستو ٿي ويندو آهي. هن چيو ته اسان جو ڪنهن سياسي جماعت سان مقابلو ناهي. اسان 9 مئي وارا نه 28 مئي وارا آهيون. ٻنهي تاريخن ۾ وڏو تاريخ موجود آهي. جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ اسان سان ٿيو، اهو ڪنهن سان نه ٿيو. جيڪڏهن اسان اڄ به چونڊون وڙهڻ چاهيون ٿا ته رڳو قوم خاطر. 8 فيبروري تي 9 مئي وارن کي ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪرڻو آهي. سندس چوڻ هو عوام مون سان واعدو ڪري ته 8 فيبروري تي ڪير گهر نه ويهندو ۽ نواز شريف کي ووٽ ڏيڻ لاءِ نڪرندو.

بقايا 15 ***

۾ هڪ سياسي پارٽي جو ڪارڪن مارجي ويو جڏهن ته ٻئي سياسي پارٽي جو ڪارڪن زخمي ٿي پيو. مشتعل ماڻهن ٻن ڌرين ڪيبن گاڏين کي باهيون، جڏهن ته ڪيترين ئي گاڏين جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا. پوليس ۽ رينجرز جي وڏي نفري موقعي تي پهچي فائرنگ جي شڪ ۾ 4 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو ناظم آباد نمبر 2 ملتي چوڪ جي ويجهو آچر ۽ سومر جي رات دير سان ٻن سياسي پارٽين جي ڪارڪنن ۾ جهيڙي سبب علائقو فائرنگ سان گونججي اٿيو. هٿياربندن گاڏين کي ڏنڊا وسايا جنهن سبب ڪيترين گاڏين جا شيشا ٽٽي پيا. واقعي واري هنڌ کان لورو اڳتي گلبهار ٿاڻي جون 2 موبائيلون موقعي تي پهتيون پر پوليس جي موجودگي ۾ به فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو جنهن سبب 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. هڪ زخمي کي پرائيويٽ گاڏي ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻئي زخمي کي اسپتال موڪلڻ لاءِ پوليس موبائل ۾ وڌو ويو. پوليس موبائيل فائرنگ سبب علائقي مان نڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي. جنهن کان پوءِ زخمي کي ويگو گاڏي ۾ منتقل ڪري عباسي شهيد اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته زخمي ٿيل شخص فوت ٿي ويو آهي. پوليس موجب مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ 44 ورهين جي فراز احمد قريشي جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته زخمي ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ 25 ورهين جي راڻو محمد طلحه جي نالي سان ڪئي وئي آهي. علائقي جي رهواسين موجب پيپلز پارٽي جي ريلي علائقي مان گذري رهي هئي ته ان دوران پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي آفيس سامهون پنهنجو جهنڊو لڳائي رهيا هئا ته ان دوران ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۾ سخت جهڳڙو جي ڏي وٺ ٿي جيڪا بعد ۾ هٿاپائي تائين پهچي وئي. ان دوران گاڏين ۾ سوار نامعلوم ماڻهن انڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني هٿياربندن گاڏين تي ڏنڊا وسايا. علائقي جي رهواسين ٻڌايو ته فائرنگ جي آواز پري پري تائين ٻڌي وئي. فائرنگ جي آواز ٻڌي گلبهار ٿاڻي جي پوليس موبائيل موقعي تي پهچي وئي پوليس جي پهچڻ باوجود فائرنگ جو سلسلو رڪجي سگهيو. پوليس موجب فائرنگ ۾ مارجي ويل فراز پاپوش نگر جو رهواسي ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان گلبهار سيڪٽر يونٽ 38 جو انچارج هو جڏهن ته زخمي ٿيل راڻو محمد طلحه پيپلز پارٽي جو ڪارڪن آهي. واقعي کان پوءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ڪيترائي مشتعل ڪارڪن عباسي شهيد اسپتال پهچي ويا جيڪي صبح جو 5 وڳي تائين اسپتال ۾ موجود رهيا. جنهن کان پوءِ مقتول جي لاش پوليس ڪارروائي کان پوءِ نيو ڪراچي ڪي ڪي ايف مرده خاني آندي وئي. پوليس موجب واقعي واري هنڌان فائرنگ جي شڪ ۾ 4 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 16 ***

آزاڌيون ۽ منصفاڻيون منعقد ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي. 8 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿيڻ سان گڏ ئي ان جي التوا جي حوالي سان سمورا افواهه دم ٽوڙي ويندا. نئين شروع ٿيندڙ ٽيليويزن چينل (ايڪ نيوز) کي انٽرويو ڏيندي هن چيو ته اميدوارن پاران چونڊ مهم جاري آهي. چونڊن جي التوا جو ڪوبه جواز به نه آهي. ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ 8 فيبروري آهي ۽ ان ڏينهن چونڊن جي التوا جي حوالي سان سمورا افواهه دم ٽوڙي ويندا. چونڊن کان اڳ يا پوءِ ڌانڌلي جي شڪايتن جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ماضي جي سبق سکندي پارليامينٽ کي قانوني، انتظامي ۽ اليڪشن ڪميشن بابت سمورين ڪوتاهين کي ختم ڪرڻ پوندو هن چيو ته مقامي ۽ عالمي ميڊيا سان گڏوگڏ مبصر به چونڊن جي مانيٽرنگ ۽ ڪوريج ڪندا. ان ڳالهه کي يقيني بڻائينداسين ته جيتري حد تائين ممڪن ٿيو، خطي جي معيارن موجب چونڊون آزاڌيون ۽ منصفاڻيون ٿينديون. هن چيو ته سياسي پارٽيون جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ذريعي ڌانڌلي ۾ ملوث رهيون آهن ۽ فوت ٿيندڙن جا ووٽ به وڌا ويندا رهيا آهن. هن چيو ته ووٽنگ جو وقت 8 فيبروري تي صبح 9 وڳي کان شام 5 وڳي تائين هوندو ۽ هر هڪ کي سئو ٽرن آئوٽ يقيني بڻائڻ جي لاءِ پنهنجو آئيني حق استعمال ڪرڻ گهرجي. قومي معيشت جي بهتري تي اهم ڌيان تي زور ڏيندي هن چيو ته بدقسمتي سان اڃا تائين ڪا سياسي پارٽي ملڪ جي معاشي صورتحال ۾ بهتري جي ڪا ايجنڊا سامهون ناهي کڻي آئي. هن چيو ته پارٽين جا سمورا چونڊ منشور جن ۾ نوڪريون، پناهگاهون، سستي بجلي، فوڊ سيڪيورٽي ۽ ٻيا شامل آهن انهن جو سڌوسنئون تعلق مستحڪم معيشت سان آهي. هن چيو ته سياسي پارٽين کي روينيو جنريشن ۽ ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪرڻ جي لاءِ منصوبو تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ 91 سيڪڙو ٽيڪس ٽو جي ڊي پي جي تناسب جو مثال ڏيندي هن چيو ته پاڪستان جو ٽيڪس ٽو جي ڊي پي جو تناسب رڳو 9 سيڪڙو آهي. ٽيڪس ۾ اضافو حڪومت کي عوام آڏو جوابده به بڻائيندو. پنهنجي پرڏيهي دورن بابت هڪ سوال جي جواب ۾ نگران وزيراعظم چيو ته عهدو سنڀالڻ کان فوري پوءِ هن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، اهو هڪ اهڙو فورم آهي جنهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ۽ بعد ۾ يورپ جو دورو ڪيو جتي هوائي جهاز ۽ ٻارڻ پوڻ جي لاءِ رڪيس. هن چين ۾ بي آر آءِ فورم، اي سي او سمٽ ۽ ڪوپ 28 سيشن ۾ شرڪت جو پڻ ذڪر ڪيو جتي ڪيس عالمي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ ٻطرفن معاهدن تي صحيحون ڪرڻ جو موقعو مليو هن وضاحت ڪئي ته نگران حڪومت کي روزاني جا معاملا بشمول پرڏيهي پاليسي جا معاملا هلائڻ جي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. غيرقانوني، غيرملڪي شهرين جي وطن واپسي بابت هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان رڳو انهن ماڻهن کي ملڪ مان پنهنجي وطن موڪليو آهي جن کي ڪا سڃاڻپ ۽ ڪو رڪارڊ نه هو ۽ اهڙن ماڻهن کي صحيح پاسپورٽ ۽ ويزا حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ واپس اچڻ جي اجازت هوندي. هن چيو ته سوشل ميڊيا هڪ چئلينج آهي جنهن ماڻهن کي انهن جي تعليمي ۽ ذهني صلاحيتن کان هٽي ڪري بااختيار بڻايو آهي. هن سوشل ميڊيا جي مين اسٽريم ميڊيا وانگر ريگيوليشن جي حمايت ڪئي. هن چيو ته نگران حڪومت تي مينڊيٽ کان هٽي ڪري ڪم ڪرڻ تي تنقيد صحيح نه آهي ڇو ته ان جا سمورا قدم قانوني ۽ ڪابينا جي منظوري ڪانسواءِ قانون واري وزارت جي توثيق رکندڙ آهن.

بقايا 17 ***

جي روبرو شاهد خاقان عباسي جي وڪيل بيرسٽر خواجا نويد دليل ڏيندي چيو ته ايف آءِ اي شاهد خاقان عباسي کي ٻاهرئين ملڪ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ اي سي ايل ۾ نالو شامل ڪيو هو. شاهد خاقان عباسي اڳوڻو وزيراعظم آهي. ڪيس مختلف موقعن تي ٻاهرئين ملڪ وڃڻو پوندو آهي. وڪيل چيو ته شاهد خاقان عباسي گڏيل ڪيترن ئي سالن کان هر پيشي تي عدالت ايندو رهيو آهي. ايف آءِ اي کي حڪم ڏنو وڃي ته سندس نالو اي سي ايل مان ڪڍيو وڃي.

بقايا 18 ***

تي پابندي جي اطلاعن جو نوٽيس وٺي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن جي نوٽيس تي ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر ڪوهستان اپر رپورٽ ۾ معاملو غلط فهمي جو نتيجو قرار ڏئي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن چيو ته ڪنهن به عورت کي ووٽ ڏيڻ کان روڪڻ ۽ چونڊ هلائڻ يا ووٽ وجهڻ کان روڪڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي ڪالعدم قرار ڏئي سگهجي ٿي.

بقايا 19 ***

جو اعلان ڪري ڇڏيو. تحريڪ انصاف اڳواڻ صنم جاويد طرفان اين اي 119 تان چونڊ نه وڙهڻ جي فيصلي جي تصديق سندس ڀيڻ فلڪ جاويد سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي ڪئي. صنم جاويد جي ڀيڻ ايڪس تي جاري ڪيل پيغام ۾ ٻڌايو ته صنم جاويد تڪ اين اي 119 ۾ چونڊ تان هٽ کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 20 ***

پاليسي ۾ ڪا تبديلي ناهي آئي. العربيه اردو نيوز مطابق اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي جي جائزي جي حوالي سان آمريڪي نيٽ ورڪ اين بي سي جي رپورٽ تي تبصرو ڪندي قومي سلامتي ڪائونسل جي ترجمان جان ڪربي چيو ته اسرائيل جو حق ۽ فرض آهي ته هو پنهنجو دفاع ڪري . عالمي انساني قانون جي پاسداري ڪندي پنهنجي حفاظت ڪري ۽ پنهنجي شهرين جي زندگين کي بچائي . اهڙي طرح اسان اسرائيل جي جنگ جي حمايت ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون.

بقايا 21 ***

لڳائڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي. جنهن دوران عدالت ڪراچي جي ميئر کان پڇاڻو ڪيو ته توهان ٻڌايو ڪهڙي قانون تحت توهان اشتهار لڳائڻ جي اجازت ڏني؟ جيڪڏهن ٽائونز توهان جي اختيارن جي دائري ۾ مداخلت ڪن ته توهان ڪارروائي ڇو نٿا ڪري سگهو؟ ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ موقف اختيار ڪيو ته لوڪل گورنمينٽ بورڊ ۾ اهو معاملو اٿاريو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪاري ملڪيتن تي سياسي بئنرن، جهنڊن ۽ اشتهارن خلاف ڪارروائي جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته سياسي بئنر ۽ جهنڊا لڳائيندڙ سياسي اڳواڻن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم برقرار رکيو. عدالت چيو ته اشتهار لڳائيندڙ ڪمپنين جي سي اي اوز خلاف به ڪيس داخل ڪيو وڃي. عدالت ڪي ايم سي ۽ ٻين کي ايندڙ ٻڌڻي تي ڪارروائي جي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي 6 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 22 ***

چونڊن ۾ عوام هميشه اسان کي ووٽ ڏنو آهي. خبر ناهي ووٽ ڪهڙي مخلوق غائب ڪندي آهي. ڪوئٽه ۾ جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته هن ڀيري چٽڻ نڪتن تان چونڊون اسيمبلي ۾ وڃڻ لاءِ ناهيان وڙهي رهيو. هن چيو ته چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ آهي ته بلوچستان ۾ رهندڙن جي وارث بي اين پي آهي. بي اين پي جي سربراهه وڌيڪ چيو ته نامزدگي ڪاغذ رد ڪرائڻ لاءِ اسان جا مخالف سپريم ڪورٽ تائين ويا اڄ اوهان 8 فيبروري کان اڳ ئي پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي.

بقايا 23 ***

غني چيو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ايم ڪيو ايم وارن پيپلزپارٽي جا جهنڊا ۽ بينر لاهي ساڙيا آهن. سعيد غني چيو ته 3 ڏينهن اڳ گلستان جوهر ۾ ايم ڪيو ايم وارن پيپلزپارٽي جي گڏجاڻي تي حملو ڪري ماڻهن کي ڌمڪايو. مصطفيٰ ڪمال سرعام ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ته ويڙهه ۾ اسان کان ڪير به ڏاڍو نه آهي. پيپلزپارٽي رتوڇاڻ جي سياست ۾ يقين نه ٿي رکي. مصطفيٰ ڪمال چيو هو ته رات پيپلزپارٽي جي ماڻهن ناظم آباد ۾ حملو ڪري اسان جي ڪارڪن فراز کي قتل ڪيو. واقعي ۾ ڊاڪٽر عاصم ملوث آهي. هيل تائين اسان جا 6 ڪارڪن مارجي چڪا آهن. اسان چاهيون ته اڌ ڪلاڪ اندر گهڻو به ڪجهه ڪري سگهون ٿا

بقايا 24 ***

65 آهي. حساس پولنگ اسٽيشنن جو انگ 27 هزار 437 جڏهن ته انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن جو انگ 18 هزار 437 آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته پنجاب ۾ 12 هزار 580 پولنگ اسٽيشنون حساس ۽ 6 هزار 40 انتهائي حساس قرار ڏنيون ويون آهن پنجاب ۾ 32 هزار 324 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. سنڌ جون 6545 پولنگ اسٽيشنون حساس، 6524 انتهائي حساس ۽ 5937 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. خيبرپختونخواهه جون 6166 پولنگ اسٽيشنون حساس 4143 انتهائي حساس ۽ 5388 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. بلوچستان ۾ ڪل 5 هزار 28 پولنگ اسٽيشنن مان صرف 961 نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته حساس پولنگ اسٽيشنن جو انگ 2337 ۽ انتهائي حساس جو انگ 1730 آهي. ملڪ ۾ 90 هزار 675 پولنگ اسٽيشنون ٺاهيون ويون آهن. ٻئي طرف اليڪشن ڪميشن پري جي ضلعن ۾ بيلٽ پيپرز ۽ چونڊ سامان جي ورهاست جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. بيلٽ پيپرز ۽ چونڊ سامان جي ورهاست پاڪ فوج جي سخت سيڪيورٽي ۾ ڪئي پئي وڃي. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن موجب پري وارن ضلعن ۾ بيلٽ پيپرز ۽ چونڊ سامان جي ورهاست 5 فيبروري تائين مڪمل ڪئي ويندي، راولپنڊي، اٽڪ ۽ اسلام آباد ۾ 6 فيبروري تائين چونڊ سامان جي ورهاست مڪمل ڪئي ويندي، 7 فيبروري تي بيلٽ پيپرز ۽ چونڊ سامان ريٽرننگ آفيسرن پريزائيڊنگ آفيسرن جي حوالي ڪيو ويندو.

بقايا 25 ***

جي خلاف ڪڏي مهم هلائي وئي جنهن تي نوٽيس جاري ڪيا ويا. سوشل ميڊيا تي صحافين ۽ يوٽيوبرز کي هراسان ڪرڻ جي پروپيگنڊه ڪئي پئي وڃي. ڪنهن کي نوٽيس جاري ڪرڻ هراسان ڪرڻ جي زمري ۾ نه ٿو اچي "جي ٽي وي" جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي اطلاعات ۽ پارليامينٽي معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته قانوني طور تي ايف آءِ اي کي نوٽيس جاري ڪرڻ جو اختيار آهي. ايف آءِ اي 32 صحافين يوٽيوبرز ۽ 22 سياسي ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪيا آهن ته اهي فلاڻي تاريخ تي پنهنجو موقف ڏيڻ جي لاءِ اچن. هن چيو ته اڃا تائين اهي نوٽيس برقرار آهن. واپس ناهن ٿيا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته آئين جي آرٽيڪل 19 تحت تنقيد کي آئيني تحفظ حاصل آهي پر تنقيد جي نالي تي ڪنهن جي تذليل يا توهين ڪرڻ آئين جي ان آرٽيڪل جي دائري ۾ نٿو اچي. هن چيو ته ڪو به شخص قانون کان مٿانهون نه آهي. جيڪڏهن ڪنهن قانون جي خلاف ورزي ڪئي آهي ته ان کي قانون کي منهن ڏيڻ گهرجي. هڪ سوال جي جواب ۾ نگران وفاقي وزير چيو ته اخبارن ۾ ڪنهن خبر جي تصديق جي لاءِ گيٽ ڪيپر جو نظام موجود هوندو آهي. ان نظام تحت اها تصديق ڪئي ويندي آهي ته فلاڻي معلومات صحيح آهي يا نه پر سوشل ميڊيا تي ڪجهه يوٽيوبرز هڪ نئين سياسي معيشت تخليق ڪري ڇڏي آهي ته جيڪو جيترو وڌو ڪوڙ ۽ پروپيگنڊه ڪندو ان جا ويوز اوترا وڌيڪ ايندا. هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات ۽ پارليامينٽي معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته قانون جي خلاف ورزي تي پي ٽي اي ڪنهن به ويب سائيٽ کي بند ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪا خاص ويب سائيٽ بند ٿي آهي ۽ جيڪڏهن قانون جي خلاف ورزي ناهي ڪئي ته ان جي شڪايت پي ٽي اي کي ڪري سگهجي ٿي.

بقايا 26 ***

شو ۾ پاڪستان پويلين کي بيسٽ ان شو انٽر نيشنل ٽورازم ڊيولپمينٽ ايوارڊ ڏنو ويو . ان موقعي تي آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير مسعود خان ڳالهائيندي چيو ته اهو اسان لاءِ فخر جو سبب آهي ته پاڪستان پويلين کي بيسٽ ان شو انٽر نيشنل ٽورازم ڊيولپمينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

بقايا 27 ***

موٽر سائيڪل هلائيندڙن کي پڪڙيو ويندو بنا هيلمٽ جي موٽر سائيڪل سوار هاڻ نه بچي سگهندا. ڇو ته انهن کي ٽريس ڪرڻ لاءِ سافٽ ويئر تيار ڪيو ويو آهي. پنجاب ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس ٽيڪنالاجي ذريعي ٽريفڪ قانونن تي عمل يقيني بڻائڻ لاءِ قدم جاري آهن ۽ هاڻ ان ئي سلسلي ۾ پنجاب سيف سٽي اٿارٽي سي سي ٽي وي ڪئميرا جي مدد سان بنا هيلمٽ موٽر سائيڪل سوارن جي نشاندهي ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. ان پراجيڪٽ ۾ هڪ سافٽ ويئر جي مدد سان بنا هيلمٽ موٽر سائيڪل هلائيندڙن کي پڪڙيو ويندو ۽ پوءِ انهن خلاف ڪارروائي ٿيندي.

بقايا 28 ***

سولنگي پيمرا جي چيئرمين محمد سليم بيگ جي وڏي ڀاءُ ظفر بيگ جي لاڏاڻي تي تعزيت جي لاءِ پيمرا چيئرمين جي آفيس ويو ۽ پيمرا چيئرمين محمد سليم بيگ جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي ايصال ۽ ثواب لاءِ فاتح خواني ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته پيمرا چيئرمين جي ڀاءُ ظفر بيگ جي لاڏاڻي جي خبر ٻڌي دلي افسوس ٿيو مرحوم جو لاڏاڻو ڏکويل خاندان جي لاءِ وڏو صدمو ۽ ناقابل تلافي نقصان آهي. جنهن کي وڏي عرصي تائين پورو نه ٿو سگهجي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته هن مشڪل گهڙيءَ ۾ ڏکويل خاندان جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم ظفر بيگ کي جنت ۾ اعليٰ مقام ڏي ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

بقايا 29 ***

برفباري شروع ٿي چڪي آهي. خشڪ سيءَ کان پوءِ برفباري شروع ٿي وئي. مري جو گرمي پد ڪاٽو 2 تائين پهچي ويو آهي ايندڙ 36 ۽ 72 ڪلاڪن ۾ وڌيڪ برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي مري ۾ سياحن جي سهوليت لاءِ 13 سهوليت سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. ڊي سي مري سياحن لاءِ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته سياح پنهنجين گاڏين کي فٽ رکن ۽ خشڪ ميوو پاڻ سان گڏ کڻي اچن ٻئي طرف موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم ٿڌو رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي. جڏهن ته پوٺوهار خطي ۾ ڪجهه هنڌن تي بوندا باندي جو امڪان آهي. پنجاب ۽ مٿانهين سنڌ جي ڪجهه ميداني علائقن ۾ ڪوهيڙو رهڻ جو امڪان به ظاهر ڪيو ويو آهي. راولپنڊي، اسلام آباد ۽ پرپاسي ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ڪوئٽه، زيارت، چمن ۽ پرپاسي ۾ برسات جڏهن ته زيارت ۾ پهاڙن تي برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. مڪران جي ساحلي علائقن ۾ ڪجهه هنڌن تي برسات، مري ۽ گليات ۾ برسات ۽ پهاڙن تي وڌيڪ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. جهلم، گجرات، سيالڪوٽ ۽ نارووال ۾ به برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف ڪراچي ۾ سومر ۽ اڱاري تي هلڪي برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن سبب ٿڌ ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي. موسميات کاتي ٻڌايو ته شهر ۾ سومر ۽ اڱاري تي مختلف هنڌن تي هلڪي برسات جو امڪان آهي. برسات سبب سومر تي گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 12 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي مٿانهين علائقن ۾ برفباري سبب موسم وڌيڪ ٿڌو ٿي ويو آهي. موسميات کاتي موسم کي نظر ۾ رکندي سياحن کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. وادي نيلم جا مٿانهان علائقا برف سان ڍڪيل آهن. برفباري سبب لوات بالا، جاڳران ويلي ۽ شونٽهر ويلي خوبصورت منظر پيش ڪري رهيا آهن.

بقايا 30 ***

ڪمال چيو ته ناظم آباد ۾ ايم ڪيو ايم کان علاوه ڪا به ٻي پارٽي ناهي. احمد فراز کي پ پ جي دهشتگردن فائرنگ ڪري شهيد ڪيس اها سموري ڪارروائي ڊاڪٽر عاصم جي چوڻ تي ڪئي وئي آهي. چيو پيو وڃي ته گاڏيون ساڙڻ تي فراز کي گولي هڻي وئي آهي. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گولي هلائيندڙن سان گڏ موبائل اچي رهي آهي. ڊاڪٽر عاصم انهي قتل جو ذميوار آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي اڳ ئي قبضو ڪري چڪي آهي. پيپلزپارٽي اندر کان پاڪستان کي ختم ڪري رهي آهي. سهراب ڳوٺ ۾ اسان جي هٿين خالي ڪارڪنن کي شهيد ڪيو ويو منگهو پير ۾ اسان جي ڪارڪن کي پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن شهيد ڪيو. اين اي 243 مڇر ڪالوني ۾ اسان جي ٽن ساٿين کي پيپلز پارٽي جي ماڻهن شهيد ڪيو پهريان اسان جا جهنڊا لاٿا ويا. ڪارڪنن روڪيو ته هٿاپائي ڪري هليا ويا. بعد ۾ ڪلاشنڪوف سان گڏ آيا ۽ سڌي فائرنگ ڪئي وئي اسان جي ساٿين وٽ هٿيار هجن ها ته جوابي فائرنگ ٿئي ها. مصطفيٰ ڪمال چيو ته اسان جي ڪارڪنن هڪ پٿر به نه هنيو آهي. جڏهن حملو ڪندڙ آيا ته چار پوليس موبائلون موجود هيون اهو پهريون واقعو ناهي 3 مهينن دوران اهو ڇهون واقعو آهي. ڊاڪٽر عاصم جي چوڻ تي اهي ماڻهو مارڻ جي لاءِ آيا چيو پيو وڃي ته گاڏيون ساڙيون ويون جنهن جي جواب ۾ فائرنگ ڪئي وئي، هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر عاصم کي هن شهر تي قبضو ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. جيڪو پارٽي ايجنسي را جي سيٽ اپ کي پاڻ سان گڏ جوڙي پ پ جي جهنڊي هيٺيان ان کي ٻيهر قائم ڪرڻ چاهي ٿي

بقايا 31 ***

A زور ڏنو آهي ته فلسطيني پناهگيرن لاءِ گڏيل قومن جي اداري (يو اين آر ڊبليو اي) جي فنڊنگ معطل ڪرڻ جو فيصلو واپس وٺن. هن هڪ پيرو ٻيهر ميمبر ملڪن ۽ امداد ڪندڙ ملڪن تي خاص طور تي زور ڏنو آهي ته هو غزه ۾ جاري امدادي ڪارروائين لاءِ پنهنجي امداد ۽ فنڊ جو سلسلو جاري رکن. هن اها اپيل ان خاطري سان ڪئي آهي ته يو اين آر ڊبليو اي جي اهلڪارن تي لڳايل الزام جي انڪري جاچ ڪرائي ويندي ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته اهي الزام ڪيتري قدر حقيقت تي ٻڌل آهن ۽ ان جي روشني ۾ ڪارروائي ڪري سگهجي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن گڏيل قومن جو ڪو ڪارڪن ان ۾ ملوث مليو ته ان جو مڪمل احتساب ڪيو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي فوجداري ڪيسن مان پڻ گذاريو ويندو.

بقايا 32 ***

ڪورٽ پاران علي احمد بروهي جو لاش هٿ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي طلب پڻ ڪيو ويو آهي. لاڙڪاڻي ۾ نوجوان علي احمد بروهي کي مبينا ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري لاش ڪئنال ۾ اڇلائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايس ايس پي جاچ لاڙڪاڻو رپورٽ جمع ڪرائي. پوليس رپورٽ موجب ٻن جوابدارن عبدالعزيز ۽ خان محمد کي گرفتار ڪري اغوا ۾ استعمال ٿيل گاڏي هٿ ڪئي آهي. درخواستگذار جي وڪيل اخترحسين جبار چيو ته پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيس پر هنن پاڻ پوليس وٽ گرفتاري ڏني. وڪيل صالح محمد چيو ته روهڙي ڪئنال مان 65 لاش مليا. انهن جي ڊي اين اي ڪرائڻ جو چيو ويو هو. رڳو هڪ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو ايس ايس پي جاچ لاڙڪاڻو چيو ته نوجوان جو لاش روهڙي ڪئنال ۾ اڇلايو ويو. پوليس سميت ٻين ادارن کي لکت ۾ آگاهه ڪيو عدالت نوجوان جو لاش هٿ ڪري هڪ مهيني اندر رپورٽ ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ايندڙ ٻڌڻي تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو طلب. درخواستگذار ۽ مقتول نوجوان جي امڙ نور بي بي ڏانهون ڪندي چيو ته 27 جنوري 2023 تي پٽ علي احمد بروهي کي اغوا ڪري ڪارنهن الزام مڙهي ڪيس قتل ڪيو ويو هو. مقتول جي امڙ چيو ته پٽ جي قتل جو جرڳو به ڪيو ويو. ڏنڊ جي رقم وٺڻ کان انڪار ڪيو. رڳو پٽ جي قاتلن کي گرفتار ڪيو. هن چيو ته رڳو پٽ جو لاش ڪيي. قاتلن کي ڦاهي تي چاڙهيو وڃي، ٻيو ڪو به مطالبو ناهي. مون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 33 ***

کي نشانو بڻائي رهي آهي. اين اي 127 لاهور ۾ پ پ ڪارڪنن جي گرفتاري مذمت جوڳو عمل آهي هن تڪ تان بلاول ڀٽو زرداري چونڊ وڙهي رهيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ شيري رحمان چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پيپلزپارٽي جي اليڪشن آفيس تي پيٽرول بمن سان حملو ڪيو ويو. سندس چوڻ هو ته پنجاب پوليس پيپلزپارٽي جي نمائندن ۽ حمايتين کي گرفتار ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي جي نائب صدر ۽ سينيٽر شيري رحمان چيو ته پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيل شهزاد ۽ شهباز کي پوليس گرفتار ڪيو آهي. هن چيو ته مسلم ليگ نون کان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيندڙ خديجه پروين کي به گذريل ڏينهن پنجاب پوليس گرفتار ڪيو هو. پيپلز پارٽي جي نائب صدر ۽ سينيٽر شيري رحمان چيو ته جڏهن پارٽي عهديدار سي سي پي او سان رابطو ڪيو ته هن غلط زبان استعمال ڪئي. شهزاد، شهباز ۽ خديجه پروين کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. هو اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪن ٿا ته پنجاب ۾ پوليس گردي جو نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا 34 ***

سردار طارق مسعود پاڻ کي بينچ کان ڌار ڪري ڇڏيو. جسٽس سردار طارق مسعود فوجي عدالتن غير آئيني قرار ڏيڻ جي فيصلي خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلن تي 6 رڪني بينچ جي سربراهي ڪري رهيو هو. جسٽس امين الدين خان، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت به بينچ جو حصو هئا. ٻڌڻي شروع ٿي ته جسٽس سردار طارق مسعود چيو ته اسان بينچ تي داخل ڪيل اعتراضن کي پهريان ٻڌنداسين. جواد ايس خواجه جي وڪيل بينچ تي اعتراض اٿاريندي چيو ته بينچ جي ٻيهر جوڙجڪ جي لاءِ معاملو ججز ڪميٽي ڏانهن اماڻيو وڃي. لاهور بار جي وڪيل حامد خان ڪيس ۾ دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جسٽس سردار طارق مسعود ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن اسان کي ڪيس ٻڌڻو ئي نه آهي ته دليل نه ڏيو. اسان تي اعتراض اٿاريا پيا وڃن ته مان ڪيس کان ڌار ٿي وڃان. عدالت بينچ جي جوڙجڪ جي لاءِ معاملو پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏيو. عدالت چيو ته پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪميٽي لارجر بينچ جوڙي. ملٽري ڪورٽس ۾ سولين جو ٽرائل جاري رکڻ جو حڪم امتناع برقرار رهندو.

بقايا سنڌيار 01

ڪاڱڌي، مجاهد حسين لانگاه، اسلم شيدي، آپڪا يونٽ ميونسپل جي صدر آغا بابر پٺاڻ، شاهد علي ميمڻ، سرواڻ هڪڙو، طارق حسين انصاري، ڪامران صديقي، شيراز ڪيهر ۽ ٻين پريس ڪلب ڀهچي پريس ڪلب شڪارپور جي نون چونڊيل عهديدارن نائب صدر عارف قريشي، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد آرائين، خزانچي عبدالخالق سومرو ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر اياز منگي ۽ ٻين کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني، آپڪا اڳواڻن پاران مبارڪباد ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 02

جي پاڻي حصي پٽيءَ تي زبردستي ڌاڙو هڻندو ۽ سنڌ کي سڪائيندو رهيو آهي، هن چيو ته سمنڊ ۾ گهربل مقدار ۾ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري ٺٽي، سجاول ۽ بدين جون لکين ايڪڙ زمينون سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي سنڌ جي پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙن جي نتيجي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ آباد ۽ سرسبز زمينون ويران بڻجي ويون آهن. هن چيو ته سنڌ سان انصاف ڪرڻ بدران سنڌ جي پاڻي، زمين، ۽ وسيلن تي ڌاڙو هڻڻ ۽ قبضا ڪرڻ جو سلسلو تيز ڪيو ويو آهي، جيڪو ملڪي سالميت ايڪي ۽ اتحاد کي ڇيهو ۽ نقصان پهچائيندو، هن چيو ته نگران سرڪار جنهن جو ڪم صرف صاف شفاف اليڪشنون ڪرائڻ آهي، اها پنهنجو آئيني ۽ قانوني اختيار لتاڙيندي ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري رهي آهي، جيڪا آئين جي آرٽيڪل 154 ۽ 155 جي ڀڃڪڙي آهي، آئين ۾ واضح لکيل آهي ته پاڻي جا معاملا گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ حل ڪيا ويندا. نگرا

بقايا سنڌيار 03

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سيوهڻ شريف ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سائين جي ايم سيد جي پوٽي سيد علي رضا شاهه کي پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي ڀليڪار ڪريان ٿو، پيپلز پارٽي وڏيڪ مضبوط ٿيندي ، وڏيڪ سيد مرادعلي شاه چيو ته بلاول ڀٽو شهباز شريف جو ڊبيٽ چئلينج قبول ڪري ورتو. شهباز شريف جتي به بحث ڪرڻ چاهيندو آهي سنڌ يا پنجاب موجود آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته مولانا فضل الرحمان ڪوشش ڪئي ته اڳ چونڊون ڪرايون وڃن، سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي، مولانا صاحب امن امان بابت غلط بياني ڪري رهيو آهي بلاول ڀٽو 10 مهينا اڳ منشور جا 10 نقطا پيش ڪيا هئا. ميان نواز شريف کي خود به پڪ ناهي ته هو پنهنجي منشور تي عمل ڪندو يا نه. نواز شريف جيڪي واعدا ڪيا آهن اهي پورا نه ڪيا آهن. جي ڊي اي سنڌ مان صفر آهي، سيٽون ڏيون ويندين چو ته پ پ سنڌ جا مالڪو پيپلز پارٽي سان گڏ آهن. سنڌ جو عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور کان وٺي پيپلز پارٽي سان گڏ بيٺو آهي. پوليس ڪراچي ۾ امن امان جي صورتحال کي ڪنٽرول ڪري آئي جي ايم جي الزامن کي رد ڪريان ٿو، ڪراچي پوليس واقعي جي شفاف انڪوائري ڪري. پيپلز پارٽي دهشتگردي جي خلاف آهي، جي ڊي اي جي سنڌ ۾ حڪومت ناهڻ واري ڳالهه ۾ وزن ناهي. 2018ع ۾ جي ڊي اي وٽ 3 ايم اين اي هئا، جن مان 2 ايم اين اي اڄا پيپلز پارٽي وٽ آهن *علي گوهر مهر ۽ غوث بخش مهر پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهندا. بلاول ڀٽو ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر ناهڻ جو واعدو ڪيو هو ان کي پورو ڪيو. اسان يوٿ پروگرام ، بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام سميت ٻيا واعدا پورا ڪري ڏيکاريو آهي

بقايا سنڌيار 04

۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي مذهبي ادبي ڳوٺاڻن مٽن مائٽن هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ شرڪت ڪئي بعد ۾ سندس جي مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن تڏي تي پهچي تڏو ڊيرو پريس ڪلب جو خزانچي شاد محمود پٽو ڳوٺهي خدا بخش پٽو ٿاٽي جو وڏو منشي مقصود علي پٽو پ پ يوسي پير بخش پٽو جو صدر طالب حسين جرواراغلام محمد جرواره هادي بخش جروارمحمد عثمان بروهي منصور علي پٽو عتيل احمد منگي عبدالمالڪ ڪتياڻ ۽ ٻين سوين پ پ ب جي اڳواڻن ۽ ٻين سوين ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي تڏو ميرپور پٽو پرسان ڳوٺ محمد تقي ڪتياڻ ۾ رکيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 05

ڪالوني ۾ رهون ٿا ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن انور ولاسيو ـ شاتوسيال ۽ اڪبر ڪنير اسان جي گهر تي حملو ڪيو ۽ زبردستي گهرن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي اسان پاران منع ڪرڻ تي مٿين جوابدارن لوهي سيخن ۽ لٺين سان حملو ڪري اسان کي زخمي ڪري وڌو جنهن ڪان پوءِ اسان اهڙي واقعي جي ايف آءِ آر جوابدارن خلاف مڪلي ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر پوليس اڃا تائين جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو جوابدار بااثر هجڻ ڪري اسان کي ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جوابدار ڪنهن به وقت اسان کي اسان جي گهر ڀاتين کي نقصان پهچائي سگهن ٿا هنن چيو آهي ته اسان جي ور شهر واري گهر تي پڻ جوابدارن قبضو ڪري ورتو آهي اسان کي ٻي دخل ڪري ڇڏيو آهي اسان راڄڻ جي چڱن مڙسن کي پڻ اهڙيون دانهون ڏنيون آهن پر جوابدار بااثر هجڻ ڪري ڪنهن جي به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن نوٽيس وٺي بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان جي گهر تان قبضو ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 06

جي حڪمن کي هوا ۾ اڏرائي ڇڏيو. يوسي نصيرخان لغاري ۾ ورڪ ڪرڻ جون تصويرون ۽ وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون چمبڙ جي سوشل ورڪر ٿوبيا ڪوسو. ذوالفقار ڪوسو ۽ ٻين ڳالهائيندي ٻڌايو ته اليڪشن ڪميشن طرفان صاف ۽ شفاف اليڪشن جي لاءِ سمورن سرڪاري ملازمن کي اليڪشن جا ورڪ ڪرڻ کان روڪيو ويو هو. پر ٽائون ڪميٽي سنجرچانگ جو ٽائون آفيسر اليڪشن ۾ بيٺل اميدوارن سان گڏ ورڪ ڪري رهيو آهي. جيڪا ڏاڍي شرمناڪ ڳالهه آهي. اسان سوشل ميڊيا تي اهي تصويرون رکيون ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ کي به ثبوت ڏنا پر ٽائون آفيسر خلاف ڪا به ڪاروائي ناهي ٿي سگهي. هاڻ ٽائون آفيسر اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي. اسين اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار، اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ کي اپيل ٿا ڪيون ته اليڪشن ڪميشن جي حڪمن کي هوا ۾ اڏائيندڙ ٽائون آفيسر خلاف فوري قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي وطن دوست رائيٽرز ميڊيا

بقايا سنڌيار 07

۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مٿين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي 52713 ايڪڙ زمين اسٽيبلشمينٽ جي حوالي ڪري سنڌين کي پنهنجي ڌرتي تي ويڳاڻو ڪيو پيو وڃي جنهن ظلم جو عالمي ادارا نوٽيس وٺن سنڌ مان افغانين سميت سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏني سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچايو وڃي جڏهن ته ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي، نيلامي بند ڪري ڪارونجهر کي قومي ورثو قرار ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ڌرتي ڌڻي پوري سنڌ اندر ڦيٿو جام ڪري ڇڏيندا.

بقايا سنڌيار 08

ڪوسو وڏو منشي شفيع محمد ملاح بيگ محمد راڄپر ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته سنيپ چيڪنگ دوران ڪوررلا گاڏي نمبر 618ANR ماڊل 2007 کي ٻيهڻ جو اشارو ڪيوسين ته گاڏي نه بيلي ته اسان گاڏي جو پيڇو ڪيو ته گاڏي وارو اسپيد سان گاڏي ڦل سڌو جا رود ڏانهن رواني ٿي وئي ۽ جيستائين اسان اتي پهتاسين تيستائين گاڏي جو ڊرائيور ڦل فال ريگيوليٽر وٽ گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويو پوليس مطابق اسان گاڏي واري کي سڃاتو آهي جيڪو نالي ڪاشف لنڊ مرود جو رهاڪو آهي ۽ ڪاشف لنڊ تي ڦل ٿاڻي تي گناهه نمبر 10 قلم 3/4 EHOمطابق ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 09

